# اَدب ۽ تنقيد

**Adab Ain Tanqeed**
**By**
**A. J. Uttam**

ليکڪ
## اي. جي. اُتم

●

قيمت : ١٠٠ روپيا — ڊسمبر - ٢٠٠٣

**Contact: Asha Chand- +971 504506739 (UAE)**
**+91 9821473200 (India)**

ڇپائيندڙ
نئين دنيا پبليڪيشن
١٢ / بي-٢، نوجيون سوسائٽي، موري روڊ،
ماهيم، ممبئي - ٠١٦ ٤٠٠
فون : ٢٤٤٤١١٣٠

+91 2224464941 / 24441130

# Adab Ain Tanqeed

**(Essays)**

By **A. J. Uttam**

Naeen Duniya Publication
12/B/2, Navjivan Society,
Mori Road, Mahim, Mumbai - 16.
Phone : 2444 1130

Copyrights with the Author

**December 2003** **Price Rs. 100/-**

Owned & Published by Mr. A. J. Uttam, Naeen Duniya Publication
12/B/2, Navjivan Society, Mori Road, Mahim, Mumbai - 16.

Printed by : SUDHA OFFSET PRINTERS & GRAPHICS, 25/34, 1st Floor,
Prince Market, Furniture Bazar, Ulhasnagar - 421 003. Tel.: 2560465

# ليکڪ طرفان ......

منهنجو هي مضمونن جو پندرهون مجموعو آهي، جيڪو اڳين ١٤ مجموعي کان ٦ سالن بعد ٿو نڪري. هن ۾ جيڪي ٻه ١٢ مضمون آهن، سي پهريون دفعو ڪتابي صورت ۾ ظاهر ٿيا آهن. اُهي ادبي، تنقيدي ۽ تحقيقي آهن. اُنهن مان گهڻا نئين دنيا ۾ ڇپيل آهن، ٻيا جهوليلال ۽ لوڪ راڄ ۾ ڇپيل آهن.

اُهي پنجن ٥٠، ٦٠، ٧٠، ٨٠، ٩٠ جي ڏهاڪن ۾ لکيل آهن، جنهن هر مضمون جي پڇاڙي ۾ لڳل سنه ڏيکاري ٿو. ان مان اِهو به پڌرو آهي تہ منهنجو قلم ڪن ٻين ساهتڪارن وانگر خاموش نہ رهيو آهي ۽ رهندو به ڪين، جڏهن سچي ساهتڪار کي لکڻ جي آگہ شمهڻ ئي ڪيئن ڏيندي. منهنجا ٻيا سوين مضمون اَخبارن ۽ مخزنن ۾ ڇپيل آهن.

مونکي ڪيترن آهڙن ساهتڪارن تي عجب لڳندو آهي جيڪي سالن جا سال شمهي پوندا آهن. الاجي ڪئن قلم ڪين

ديشواسين جي چپن تي آهن. جئن تازو ٽي.وي.ءَ تي هنن جي ناولن ۽ ڪهاڻين کي پيش ڪري، ثابت ڪيو ويو آهي. تازو ديوداس تي نڪتل فلم ڪري شرت چندر جي سيني ڪتابن جا نوان نوان ڇاپا ظاهر ٿيا آهن. اِهو جديديت وارن ليکڪن کي جواب آهي، جيڪي شرت چندر ۽ پريمچند جي نندا ڪندا آهن.

اَڄ جيڪا ملڪ ۾ فرقيپرستيءَ جي هوا لڳل آهي، جنهنکي هند سرڪار به زور پيئي وٺائي، اُن وقت اُردو شاعريءَ ۾ قومي ايڪتا واري جذبي تي مضمون اسان سنڌين کي به سڄاڳ ڪندو. سنڌ جي اديب آغا سليم جي صوفي ويدانتي ناول ''هم اوست'' جو مضمون به سنڌي مسلمانن جي هندن جي ڌرمي ويچارن بابت سهپ ۽ سيڪيولرزم جو جذبو ٿو ڏيکاري ۽ هاڻي هند-پاڪ جي ناتن سڌرڻ جي ڪوشش وقت اَهميت وارو آهي. موهن ڪلپنا ۽ اندر ڀوڄواڻي ته سنڌيءَ جا چوٽيءَ جا ليکڪ آهن، جن سنڌي ساهت کي خوب اوج ڏني.

اُميد ته هي ادبي، تنقيدي ۽ تحقيقي مضمون پاٺڪن کي پسند پوندا، جن جي راين جي آجيان ڪئي ويندي.

مان ڀاءُ لڇمڻ ڪڪڙيجا ۽ شُڌا آفسيٽ پرنٽرس جو پروُف ڏسڻ ۽ جلد ڇپائيءَ لاءِ شڪرگذار آهيان. جئه سنڌي!

اي. جي. اُتم

ديشواسين جي چپن تي آهن. جئن تازو ٽي.وي.ءَ تي هنن جي ناولن ۽ ڪهاڻين کي پيش ڪري، ثابت ڪيو ويو آهي. تازو ديوداس تي ٺڪتل فلم ڪري شرت چندر جي سيني ڪتابن جا نوان نوان ڇاپا ظاهر ٿيا آهن. اِهو جديديت وارن ليکڪن کي جواب آهي، جيڪي شرت چندر ۽ پريمچند جي نندا ڪندا آهن.

اڄ جيڪا ملڪ ۾ فرقيپرستيءَ جي هوا لڳل آهي، جنهنکي هند سرڪار به زور پيئي وئائي، اُن وقت اُردو شاعريءَ ۾ قومي ايڪتا واري جذبي تي مضمون اسان سنڌين کي به سجاڳ ڪندو. سنڌ جي اديب آغا سليم جي صوفي ويدانتي ناول ”هم اوست“ جو مضمون به سنڌي مسلمانن جي هندن جي ڌرمي ويچارن بابت سهپ ۽ سيڪيولرزم جو جذبو ته ڏيکاري ۽ هاڻي هند-پاڪ جي ناتن سڌرڻ جي ڪوشش وقت اَهميت وارو آهي. موهن ڪلپنا ۽ اندر ڀوڄواڻي ته سنڌيءَ جا چوٽيءَ جا ليکڪ آهن، جن سنڌي ساهت کي خوب اوج ڏني.

اُميد ته هي ادبي، تنقيدي ۽ تحقيقي مضمون پاٺڪن کي پسند پوندا، جن جي راين جي آجيان ڪئي ويندي.

مان ڀاءُ لڇمڻ ڪڪڙيجا ۽ سُڌا آفسيٽ پرنٽرس جو پروف ڏسڻ ۽ جلد ڇپائيءَ لاءِ شڪرگذار آهيان. جئه سنڌي!

اي. جي. اُتم

# فهرست


| نمبر | | پيج نمبر |
|---|---|---|
| 1- | سنت ڪوي گيانيشور جو سنيهو | 9 |
| 2- | اُردو شاعريءَ ۾ قومي ايڪتا جو جذبو | 15 |
| 3- | اعليٰ اَديب مُنشي پريمچند | 27 |
| 4- | شرت چندر چٽرجي | 36 |
| 5- | سنڌي وشوَ ڪوي شيخ اَياز | 43 |
| 6- | اِندر ڀوڄواڻيءَ جي ترقي پسند شاعري | 49 |
| 7- | وشوَ ساهتڪار شيڪسپيئر | 58 |
| 8- | مرزا غالب | 62 |
| 9- | شُبَن آهوجا جو ناول ”ڪنول جاڳي اُٿيا“ | 70 |
| 10- | ويدانتي صوُفي سنڌي ناول | 75 |
| 11- | عظيم اَديب موهن ڪلپنا | 78 |
| 12- | اَدب ۽ زندگي | 82 |

# سنت ڪوي گيانيشور جو سنيهو

هي سال (۱۹۹۰) مهاراشٽر جي سنت ڀاڳيءَ جي بانيءَ سنت ڪوي گيانيشور جي مراٺي شاهڪار پستڪ ”گيانيشوريءَ“ جو ۷۰۰ سال آهي. ان ۾ شري ڪرشن جي ڀڳوت گيتا جي سمجهاڻي آهڙي تہ منڙي ٻوليءَ ۽ عام جيوت جي مثالن ۽ تشبيهن سان ڪوتا ۾ ڏنل آهي جو مراٺي گهر گهر ۾ اڄ بہ اها پڙهي وڃي ٿي ۽ اپياس ڪيو وڃي ٿو. ”گيانيشوري“ ۾ ڏنل ڀاڳيءَ جي ايتري لوڪپريتا ڏسي ئي مهاراشٽر جي گورنر، شري سي. سُبرمنيم چيو آهي تہ: ”گيانيشور من، وچن ۽ ڪرم سان لوڪشاهي پسند هو.“

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ سنت گيانيشور ۷۰۰ سال اڳي سنسڪرت ۾ رچيل گيتا جي ڳوڙهي گيان کي عام ماڻهن جي حالت ۽ جيوت کي خيال ۾ رکي سندن ئي ٻوليءَ مراٺيءَ ۾ سڀني ماڻهن ۾، ڪنهن بہ جات پات، اوچ نيچ، پنٿ-مت جي ڀيد ڀاو

بنا ڦهلايو. جيتوڻيڪ هن پاڻ سنسڪرت جي ڄاڻو برهمڻ جي گهر جنم ورتو هو تہ بہ هن گيتا جي گيان ۽ ايشور جي ڀڳتيءَ کي سنسڪرت وارن پنڊتن ۽ برهمڻن جي محدود مندرن ۽ محلن مان ٻاهر ڪڍي جنتا جي ڪکاين جهوپڙين ۽ رستن چونڪن جي وچ ۾ آندو، جيئن عام لوڪ بہ لاڀ وٺي پنهنجو جيون سڦلو ڪن.

سنسڪرت کي ڇڏي مرائيءَ ۾ ڪوتا ۽ گيتا رچڻ جو سنت گيانيشور جو يڳانو ڪارنامو هو جو ان وقت جي ڀارت جي ٻيءَ ڪنهن بہ ڏيهي ٻوليءَ ۾ نہ ٿيو هو. هو مرائيءَ جي مهما ڪندي لکي ٿو تہ ”منهنجي ٻولي مرائي آهي، پر اها امرت کي بہ شهہ ڏيندڙ آهي. مان ان کي اهڙن تہ سُهڻن لفظن، ٻولن ۽ اصطلاحن سان سينگاريندس جو سنگيت جا ست سُر بہ اُن جي مڌرتا ۽ ڪوملتا سان پُڄي نہ سگهندا ۽ اُن جي سرهاڻ اڳيان بہ جهڪا ٿي ويندا.“

هن هڪ حوالي مان ٿي ظاهر آهي تہ گيانديو کي پنهنجي مادري ٻوليءَ لاءِ ڪيڏي نہ اَٿاهہ سِڪ آهي. انڪري ئي هن گيتا جي گيان جي فيلسوفائي وشيہ کي ڏاڍي نزاڪت، نفاست ۽ جذبات واري شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي. گيتا ۽ سنسڪرت جا سلوڪ رڳو ٧٠٠ آهن، پر گيانديو جي ”گيانيشوريءَ“ ۾ ڪوتا جون نوَ هزار پئرائون آهن. ”گيانيشوري“ پستڪ رڳو مرائي ٻوليءَ جي گيتا ڪانهي پر مرائي ڪوتا جو هڪ شاهڪار بہ آهي. ائين سنت گيانيشور ٻنهي مرائي ٻولي ۽ ڪوتا کي امر ڪري ڇڏيو. اهو هن جو هر ماڻهوءَ کي پنهنجي ٻوليءَ لاءِ سڪ جو سنيهو آهي.

برهمڻ هوندي بہ گيانديو جو گيانيشوري پستڪ سنسڪرت جي بدران مرائي ٻوليءَ جي ڪوتا ۾ رچڻ سان نہ صرف اسانکي پنهنجي مادري ٻوليءَ لاءِ سِڪ جو سنيهو ٿو ملي پر ساڳئي وقت پنهنجي ئي برهمڻ ۽ پنڊت اوچ طبقي ۽ ڪٽرپنتيءَ جي پيڊ پاو ۽ بي انصافيءَ خلاف آواز بُلند ڪرڻ جو سنيهو بہ ٿو ملي. حقيقت ۾ هنکي ننڍي هوندي ئي ان پيڊ پاو ۽ بي انصافيءَ جو آزمودو ملي چُڪو هو، جڏهن سندس پيءُ وِٺل پنت سنياس وٺڻ بعد وري گهر واپس موٽي گرهست اختيار ڪئي تہ سندس ذات وارن واپس

نہ ورتس ۽ کيس موت جي سزا ڏني. اها سزا پوري بعد بہ هن جي اولاد گيانديو ۽ ٻن ڀائرن ۽ هڪ ڀيڻ کي نيات ۾ تڏهن ورتو ويو، جڏهن ڪرامتون ڏيکاري ثابت ڪيائون تہ سڀ انسان هڪ جهڙا آهن ۽ انهن ۾ ساڳي آتما آهي، ۽ ايشور سڀني لاءِ آهي، جنهن کي ڪنهن بہ ڀڳتيءَ جي رستي حاصل ڪري سگهجي ٿو. جيئن اسانجي سنت ڪوي سامي صاحب بہ چيو، ''سيئي مارگ مت ڳالهہ چون ٿا هڪڙي''

سچ تہ هي پيار، ڀڳتي ۽ هڪجهڙائيءَ جو پيغام ڦهلائيندڙ سنت ڪوي ۽ صوفي شاعر ١٣ صديءَ کان وٺي ١٨ صديءَ تائين (٦٠٠ سال) ڀارت جي اڪثر هر ڏيهي ٻوليءَ ۾ پيدا ٿيا. سنت گيانيشور (١٢٧٥-١٢٩٦) ان ڀڳتيءَ ۽ صوفي هلچل جي باني مان اوائلي سنت ڪوي هو. هن ڪانپوءِ مهاراشٽر جا ٻيا مکيہ سنت هئا نامديو، ايڪنات، تڪارام وغيره ۽ ٻين ٻولين جا مکيہ هئا ڪبير، گرو نانڪ، سوُرداس، تلسيداس، ميران، دادو ديال، نرسي ڀڳت، شاهہ، سچل، سامي وغيره.

ڀارت جي اتهاس ۾ پيار ۽ برابري، سچائي ۽ سماجڪ انصاف جو پيغام ڏيندڙ سنت ڪوي ۽ صوفي شاعرن جي ڀڳتي هلچل جهڙي ٻي هلچل پيدا نہ ٿي آهي، جنهن وسيع پيماني تي عام جنتا تي اَثر ڪيو هجي ۽ ان جي ڏکہ سکہ ۾ سات ڏيئي ڇوٽڪاري لاءِ اُدم ڪيو هجي. هنن سنتن ۽ صوفين ڌرمي ڪٽرپڻي ۽ مذهبي تعصب جي پاڙ پٽڻ لاءِ سڀني ماڻهن کي ايشور ۽ خدا اڳيان برابر مڃي کين ان جي ڀڳتي ۽ عبادت ڪرڻ جو حق وٺي ڏنو. هنن خلقڙهار کي آڪاس مان هيٺ ڌرتيءَ تي لاهي آندو ۽ چيو تہ اُهو سڄي خلق ۾ وسي ٿو. اُهو پٿرن پهاڙن، شاسترن ۽ گرنٿن، مندرن، مسجدن، ورتن اِشنانن، روزن ۽ نمازن، سرڳہ ۽ نرڳہ ۽ جنت جهنم جي خيالي قلعن ۾ قيد ڪونهي. سڀني هندن، مُسلمانن، سِکن وغيره لاءِ اُپائيندڙ هڪ ئي آهي، جنهنکي ڀڳتي ۽ عبادت، سک ۽ سهپ سان حاصل ڪ. . سگهجي ٿو، جيئن گيانديو بہ چيو آهي.

ساڌو واسواڻي جن هنن سنتن ۽ صوفين لاءِ هڪ پيري پوني ريڊيو اسٽيشن تان تقرير ڪندي چيو ته ”ان کان انڪار ڪري نه سگهبو ته هي سنت ڪوي اسان جي اِتهاس جي هڪ آزمائشي دور مان لنگهيا. هندو مُسلمان جي وچ ۾ هلندڙ سخت ڪشمڪش پنهي جاتين جي سماجڪ جيوت تي گهرو اثر ڪيو. ان ڪشمڪش ۽ راجنيتي مونجهاري وقت تهذيب ۽ وشواس جي هڪ نئين جاڳرتا جنم ورتو. ڪيترن ڪورين، ڪاريگرن ۽ ٻين جن کي هيلتائين اَڇوت سمجهيو ويو هو، تن آشا ۽ وشواس جا نوان گيت ڳاتا.“

سنت گيانديو اوچ طبقي جي برهمڻ ذات مان هوندي به پاڻ کي هيٺئين طبقي وارن جي سنگت ۽ صحبت ۾ رُڌل رکيو. هو پنهنجي همعصر سنت نامديو سان گڏجي رٿن ڪري آيو. نامديو ڪاريگر (هيٺئين) طبقي جو درزي هو. جيڪو به هڪ مشهور سنت ڪوي هو. گيانديو، نامديو سان گڏ عام ماڻهن ۾ گيتا تي وارتالاپ ڪندو هو ۽ کين مراٺي ٻوليءَ ۾ سمجهاڻي ڏيندو هو. ائين هن پنهنجي شاهڪار گرنٿ ”گيانيشوريءَ“ جي رچنا ڪئي. نامديو به هن سان ان ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي هو، جنهن پنهنجي ساٿي گيانديو جي جيوني به لکي، جنهن ۾ چيو ته : ”گيانيشوري، گيتا کي سينگاريندڙ ڳهڻو آهي جو اکنڊ آنند جي لهرن سان ڀرپور آهي. ان ماتا مراٺي ٻوليءَ کي شان شوڪت عطا ڪئي آهي. هن جيڪي پنهنجي دوست گيانديو سان گشت ڪيا ۽ سندس گيتا جا وارتالاپ ٻڌا، تن جو ذڪر ڪندي هڪ هنڌ لکي ٿو ته هڪ ايشور جو گهر ۾ ويهي سِڪ سان نالو جپي ڀڳتي ڪرڻ، تيرٿ ياترائن ۽ جپ تاپ ڪرڻ ۽ اُپواس رکي تن کي تسيا ڏيڻ ۽ ذات پات ۽ ڇوت ڇات جا پيد ڀاو رکڻ کان وڌيڪ اهم آهي.“ جيئن گيانديو به چيو آهي.

سنت گيانديو به گيانيشوريءَ ۾ جيڪو سنيهو ڏنو آهي، ان لاءِ سمجهاڻي ڏيندي هڪ هنڌ لکي ٿو ته، ”منهنجو اُديش آهي عام ماڻهن جي وويڪ کي جاڳائڻ ۽ برهم وديا سيني تائين پهچائڻ.“

ٻئي هنڌ هو گيتا جو تت ڏيندي چوي ٿو ته، ”گيتا جو

مکيہ وشيہ آهي ڪرم يوڳ، جنهن جو مقصد آهي ايشور کي پائڻ.''
ان لاءِ هو گروءَ جي مليل گيان ۽ هن جي ڀڳتي ۽ رهبري ضروري ٿو سمجهي. گيانديو ور ور ڪري ''گيانوان ان گروءَ جي ڀڳتي ۽ شيوا'' جو ورنن ڪيو آهي. هو صاف چوي ٿو، ''ايشور ڀڳتيءَ سان ئي حاصل ڪري سگهبو. سچو ڀڳت اُهو آهي جنهن ايشور جو ڌيان ڌرڻ کي ئي پنهنجو اُديش بڻايو آهي ۽ ايشور کانسواءِ ٻيو ڪو جاپ نٿو جپي .... چاهي اُهو ڪير بہ هجي، استري، شودر توڙي جانور هجي، ڪهڙي بہ نيچ ڪٽنب ۾ ڄائو هجي، ڪهڙو بہ غريب هجي، سو بہ ڀڳتيءَ سان ايشور کي پائي سگهي ٿو.''

هن مان ظاهر آهي تہ گيانديو ''گيانيشوريءَ'' ۾ ڪرم مارگہ سان گڏ گيان ۽ ڀڳتي مارگہ کي بہ ايشور کي حاصل ڪرڻ ۽ موکش پائڻ لاءِ گهڻ اهم نٿو سمجهي. جيئن هڪ هنڌ چوي ٿو تہ، ''ايشور پنهنجي ڀڳتن مان ڪنهن وڏي خرچائو جپ تپ، پوڄا پاٺ جي اُميد نٿو رکي. هو تہ هڪ پن، هڪ گل ۽ هڪ ميوي يا پاڻيءَ جي اَنجليءَ سان ئي راضي ٿي وڃي ٿو، بشرطيڪ اهو سيڪجهہ سچي سِڪ ۽ پوُرن ڀڳتيءَ سان آڇيل ٿئي ٿي. اهو ئي اَهم سنيهو آهي سنت گيانديو جي گيانيشوريءَ جو. اها ئي هن جي ڪماليت بہ آهي، ڇو تہ اسانکي سڌ آهي تہ ٻين سنتن مهاتمائن هڪ ٻئي جي پنهنجي مارگہ گيان يا ڀڳتي يا ڪرم کي وڏو سمجهي ٻئي نندا ڪئي آهي جا ڪٿي ڪٿي تہ اڄ تائين بہ هلي اچي ٿي. انڪري گيانديو نيڪ چيو آهي تہ پنهنجو گرهست ۽ ڪم ڪار تياڳي رڳو ويهي نام جپيو. هو پاڻ بہ پنهنجي سنياسي پيءُ سان وارتالاپ ڪري جهنگہ مان موٽائي گهر وٺي آيو هو، جيئن ''گيانيشوري'' ڪتاب جي انگريزي ترجمو ڪندڙ منو صوبيدار بہ اهو وارتالاپ ٻڌايو آهي.

حقيقت ۾ نہ ڪرشن گيتا ۾، ۽ نہ ٻين سنت ڪوين ڪبير، تلسي، نانڪ، سورداس ۽ اسان جي ساميءَ وغيره بہ سنسار تياڳڻ جي ڪا ڳالهہ ڪئي آهي. هنن سيني رڳو ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار تي ضابطو رکڻ تي زور ڏنو آهي، جيئن سنت

گيانيشور ٻہ چيو آهي.

هن پنهنجي گيانيشوريءَ جي آخر ۾ چيو آهي، ”شل سنسار ۾ بُرائيءَ جو انت اچي، شل ماڻهو سُٺا ڪم ڪن، شل سڀني انسانن ۾ مترتا وڌي، پاپ جو اندڪار ختم ٿئي، شل ماڻهن جون خواهشون پوريون ٿين، شل ٿنهي لوڪن ۾ سک شانتي ۽ خوشي ڦهلي.“ اسان جي يگاني ڪلاسيڪل صوفي شاعر شاهہ عبداللطيف ٻہ ائين ئي چيو آهي، ”دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.“

سنت گيانيشور نومبر ۱۲۹۷ ۾ وچي ساين سڪالو ٿيو. هن جو مرهٽي شاهڪار ”گيانيشوري“ اسان سنڌين لاءِ پنهنجي مادري، سنڌي ٻوليءَ لاءِ اٿاهہ سِڪ جو سنيهو ٿي ڏئي.

(۱۹۹۰)

*****

# اُردو شاعريءَ ۾ قومي ايڪتا جو جذبو

گذريل ڪيتري وقت کان ملڪ جو وايومنڊل چوطرف زهريلو ٿي ويو آهي. اُن جو مکيه سبب آهي ڌرمي ڪٽرپڻو ۽ مذهبي تنگدليءَ جو وهنوار، ويچار ۽ پرچار جيڪو جدا جدا مذهبن، ڌرمن ۽ جاتين جي وچ ۾ ٿي رهيو آهي. اِهو اَسهپ ۽ ڏاريائپ، ڪلفت ۽ نفرت جو ماحول اڄ اهڙو پيو لڳي جهڙو آزاديءَ جي ملڻ کان ٿورا مهنا اڳي هو ۽ پوءِ ته ورهاڱي وقت فسادن جي ڪري وڌي ويو هو.

جڏهن ان وقت به اهڙي فرقيوار ذهنيت کي منهن ڏيڻ لاءِ ديس ۾ قومي ايڪتا جي ڀاونا ضروري سمجهي ساهت رستي ڦهلاءُ ڪيو ويو، تڏهن اڄ به اُن جذبي واري ادب ۽ شاعريءَ جي سخت ضرورت محسوس ڪجي ٿي. ٻين ٻولين وانگر اُردوءَ ۾ به ان قومي ايڪتا جي ڀاونا واري شاعريءَ کي عام جنتا اڳيان پيش ڪرڻ سڀ کان اهم آهي.

**آيسؤ اِبليس هو جو برا،**
**نارد هوئي نرڪ مهہ پرا.“**

ٻين ڪيترن صوفي شاعرن رسکان، رحيم‌خان وغيره بہ هري رام ۽ هري ڪرشن کي ڪوتا ۾ ياد ڪيو آهي. ڪيترن جي اهڙي هري ڀڳتي ڏسي مشهور هندي ليکڪ ڀارتيندو لکيو : ”هنن مسلم هرِي جَن تان ڪروڙين هندو قربان آهن.“

ڀڳتي ۽ صوفي شاعرن جي هندو مسلم ميلاپ جي ڀاونا ڀوءِ جي ١٧، ١٨ ۽ ١٩ صديءَ جي اُردو شاعريءَ ۾ بہ ظاهر آهي. جيئن مشهور شاعر مير تقي مير چيو آهي:

**”ڪسڪا ڪعبا ڪنسا قبلا، ڪون حرام هئہ، ڪيا احرام،**
**ڪوچي ڪي ان باشندون ني، سب ڪو يهين سي سلام ڪيئا.“**

هن ۾ تہ اسلام جي ڪعبي ۽ قبلا کان ڀاڙڪي متي هئڻ جو اِظهار ڪيو اَٿس. پر ٻئي شعر ۾ تہ دين مذهب ۽ اِسلام کي ترڪ ڪرڻ ۽ اصل مندر ۾ نرڙ تي تلڪ لڳائي وهڻ جو اظهار ڪيو آٿس. جيئن چوي ٿو:

**”مير ڪي دين مذهب ڪو اب پوڇتني ڪيا هو،**
**اُن ني تو ڪشڪا کينچا،**
**دير مين بيٺا، ڪب ڪا ترڪ اسلام ڪيا.“**

هن مان صاف ظاهر آهي تہ ارڙهين صدي (١٨١٠-١٧٢٥) جي وڏي ۾ وڏي اُردو غزل‌گو شاعر مير بہ مذهبي تنگدلي ۽ تعصب کي اصل نوڪر هٽي هندو مسلم ميلاپ جي قومي ايڪتا جي ڀاونا جي زبردست حمايت ڪئي آهي.

اَهڙي قومي ڀاونا جي جهلڪ ٻئي هڪ ايڏي وڏي اُردو شاعر مرزا غالب جي ڪلام ۾ بہ ملي ٿي. هن تہ اَصل بنارس تي هڪ وڏو شعر لکيو آهي. اُهو سڄو اُردوءَ ۾ ڏيڻ ممڪن ڪونهي، پر اُنجو هڪ حصو ڏيان ٿو، جنهن مان شاعر جي دل ۾ نہ رڳو بنارس پر ڀارت جي ڀوميءَ لاءِ بہ سنمان ۽ پوترتا جي ڀاونا آهي، اُنجي چٽي تصوير ملي ٿي، جا قومي ايڪتا واري شاعريءَ جو اڄ قيمتي

ورثو آهي. مرزا غالب چوي ٿو:

''سرڳ شل قائم رکي بنارس جي شان کي،
هن سکدام ۾ آنند ڪنج کي،
جتي ور ور موٽي اچن ٿيون آتمائون،
جن پنهنجي زندگيءَ جو سفر پورو ڪيو آهي.
دنيا جي هن ڌرتي بنارس تي سدا بهاري آهي.
هتي سرءُ جي موسم،
سفيد نراڙين تي چندن جو تلڪ ٿي لڳائي،
بهار تہ شروع ۾ ئي شهر کي گلن جو جٽيو
ٿي پائي،
سنجها، آڪاس تي ڪاشيءَ جي پيوت سان
ڳاڙهيون ڪمانون ڪنيو ٿامي،
هي هندستان جي ڪعبو شنک وڄائيندڙ وهار!
هنجون مورتون ۾ پتلا، ان نور مان ٺهيل آهن،
جيڪو سنائي (عربستان) جبلن تي ڦهليو هو.
هتي نورانيون ديويون، پوتر برهمڻ ۾ بہ
جوالا جڳايو ڇڏين.
تڏهن گنگا ڪناري سندن مکڙا مشعالن وانگر
پيا پرن.
پرهہ ڦٽيءَ جو منهنجي راڻي ڪاشي،
گنگا جي آرسي کنيو پيئي منجهس،
پنهنجي دلفريب حُسن جي چمڪ ڏمڪ پسي.''

هي سڄو شعر مون غالب جي شتابديءَ تي نئين دنيا ۾ ١٩٦٩ ۾ ڇپيو آهي.

غالب آخرين مغل بادشاهہ بهادر شاهہ جو اُستاد هو. تنهن بہ سُنو شعر چيو، جنهن ۾ ديس جو درد سمايل آهي.

سمي سارو اُردو شاعريءَ ۾ اها قومي ڀاونا جي آگ وڌيڪ ڀڙڪندي ويئي جنهن انگريزي سامراجين جي مقابلي سان گڏ ڀارت

اَڪبر الله آبادي ڀارت جي مهانتا جي مهما ۾ لکي ٿو:

**''شمع ادب نہ ٿي جب يونان کي اَنجمن مين،**

**تابان ٿا مهردانش اِس وادي ڪهن مين.''**

چوي ٿو، جڏهن يونان ۾ ساهت جي جوت نہ هئي، تڏهن ڀارت ۾ هئي. اڳتي چوي ٿو تہ شل موت وقت وطن جي مٽي نصيب ٿئي. جيئن:

**''مَرڪر ڀي چاهتي مين، خاڪ وطن ڪفن ڪو.''**

ڀارت جي ان عظمت جا گيت برج نارائڻ چڪبست بہ خوب ڳاتا آهن. جيتوڻيڪ هو ۴۰-۴۵ سالن ۾ گذاري ويو، پر ان وقت جي قومي هلچل جي تصوير اُردوءَ ۾ ڏيئي ويو آهي. گوتم، سرمد، اڪبر، پرتاپ جهڙن بزرگن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

**''گوتم ني آبرو دي اِس معبد ڪهن ڪو،**

**سرمد ني اِس زمين پر صدقي ڪيا وطن ڪو،**

**اڪبر ني جام اُلفت بخشا اِس انجمن ڪو،**

**سينچا لهو سي اپني راڻا ني اس چمن ڪو،**

**سب سوروير اپني اِس خاڪ مين نهائي هئن.''**

ٻئي شعر ۾ چڪبست دنيا جي مذهبن کان اسانجي ملڪ جو مذهب اعليٰ سمجهي چوي ٿو:

**''اهل وطن مبارڪ تم ڪو يہ بزم اعلا،**

**جشن مين نئي اُميدون ڪا هئہ نيا اُجالا،**

**دنيا ڪي مذهبون سي يہ رنگہ هئہ نرالا،**

**مساجد يهي هئہ اپني اور هئہ يهي شوالا.''**

پر جنهن شاعر نہ رڳو شاعري ڪئي، پر عملي زندگيءَ ۾ ديس جي آزاديءَ لاءِ جنگہ جوٽي ۽ ڪيترا دفعا قيد ڪاٽيو ۽ سيني کان پهرين ڪانگريس ۾ ۱۹۲۱ جي احمدآباد اجلاس ۾ مڪمل آزاديءَ جو نعراءُ پيش ڪيو، پر نامنظور ٿيو، سو هو مولانا حسرت موهاني. هن تہ گئو ڪوس تي بہ بندش لاءِ طلب ڪئي هئي. هو گرئجوئيٽ هو پوءِ بہ تمام سادگيءَ سان رهندو هو، اصل جهوپڙيءَ

**هئہ رام کي وجود پر هندوستان کو ناز،**
**اَهل نظر سمجھتي هين اِس کو اِمام هند.**
**تلوار کا ڌني ٿا شجاعت مين فرد ٿا،**
**پاڪيزگي مين جوش محبت مين فرد ٿا."**

هن گايتري منتر جو بہ اُردوءَ ۾ ترجمو ڪيو جو قبول ڪيو ويو هو.

هن قومي ايڪتا واري شاعريءَ تي پڳتي هلچل، آزادي هلچل وانگر ترقي پسند هلچل جو بہ اثر ٿيو ۽ نوان نوان شاعر اڳيان آيا. جئن سردار جعفري، ڪيفي اعظمي، ساحر لڌيانوي، مجروح سلطانپوري، سجاد ظهير، وامق جونپوري، جان نثار اختر وغيره.

جعفري لکيو هو تہ ايڪتا اُهو پل آهي جو گلشن مان ڪنڊا ڪڍي بهار آڻي سگهي ٿو، جيئن چوي ٿو:

**"متحد هوڪي اُٺي ظلم کي قدمون سي عوام،**
**ساري گم گشتہ عزيزان جهان مل هي گئي،**
**لاکہ گلشن ۾ مين بچائي ٿي خزان ني ڪانٽي،**
**قدم باد بهار آئي تو گل کل هي گئي."**

ساحر لڌيانوي بہ هنسا ۽ خون خرابيءَ خلاف چيو تہ خون پنهنجو هجي يا پرائو پر آهي تہ انسان جو نہ، جئين لکيائين:

**"خون اپنا هو يا پرايا، هو نسل – آدم کا خون هئہ آخر،**
**جنگہ مشرق مين هو کہ مغرب مين، امن عالم کا خون هئہ آخر."**

جان نثار اختر بہ فرقيپرستيءَ خلاف آواز اُٿاريندي چيو تہ جيکي اُنجي لعنت کي جاڙن ٿا ۽ ٻنجو ڏين ٿا، مان اُنهن جا گيت ڳايان ٿو. جئن لکي ٿو:

**"جهلس سکتي هين جو شعلون سي کفر و دين کي بستي،**
**جو لعنت جانتي ملک مين فرق پرستي کو،**
**مين اُن کي گيت گاتا هوُن ....**
**وطن کي نوجوان مين نئي جذبي جگائونگا،**
**مين اُن کي گيت گاتا هوُن."**

وامق جونپوري بہ مذهب جي ڍونگ جي خوب اوٿهڙ ڪئي آهي. هڪ هنڌ چوي ٿو:

**''ڪب تڪ يہ عمامِ ڪفر و دين ڪا ڍونگ رچائي جائيگا.**
**ڪب تڪ يي پُجاري دنيا ڪو اَنگلي پي نچائي جائيگا.**
**اب دور ڪهين ان جهگڙون سي ميِن بستي ايڪ بسائونگا.''**

مشهور شاعر ڪنور مهيندر سنگهہ 'سحر'، جو تازو گذاري ويو، اهو سدائين هند-پاڪستان جي مشاعرن جي صدارت ڪندو هو ۽ قومي ايڪتا تي زور ڏيندو هو. هڪ شعر ۾ صاف چوي ٿو تہ هي ديس سڀني جو آهي ۽ ڪير بہ مذهب ۽ نفرت جي بنياد تي نہ لڙي. قران، گيتا، انجيل، گرنٿ صاحب سڀني ۾ پيار جو سنيهو آهي. جيئن:

**''سڀي قومون ڪو رهنا هئہ. يهان يہ ديش هئہ سب ڪا.**
**ڪوئي لڙني نہ پائي نام لي ڪر دين مذهب ڪا.**
**بڙا رُتبا ديا هئہ خير سي قران ني اُلفت ڪو.**
**رکا هئہ گرنٿ ني گيتا ني يي افضل محبت ڪو.**
**هوا ديتي هئہ يہ قسمت ڪي هٿيي يي نفرت ڪو.**
**نہ رهبر هئہ نہ منزل ان ڪي يہ ايسي مسافر هين.**
**ڪسي مذهب مين هون يہ لوگہ هر مذهب مين ڪافر هئہ.''**

گذريل ١٠، ٢٠ سالن کان نوان نوان اُردو شاعر بہ اهڙي قومي ايڪتا واري شاعري ڪري رهيا آهن، جيڪي جدا جدا مخزنن ۾ پئي ڇپي آهي. هڪ اهڙي شاعر عادل عقيل تازو ''راشٽر سهارا'' ۾ لکيو:

**''يہ ديش همارا هئہ. همارا هئہ. همارا هئہ همارا.**
**اِس ديش ڪو هم سب ني لهو سي هئہ نکارا.**
**روشن ڪيا اس ديش ڪي عظمت ڪا ستارا.**
**هم اِس ڪي محافظ هئہ. يہ دشمن ڪو بتا دو.**
**مساجد ڪا تقدس يي بچانا هئہ. همين ڪو.**
**مندر ڪا تجل يي بڙهانا هئہ. همين ڪو.**

گردواري کا پيغام سُنانا هئہ، همين کو،
هر دل مين محبت کي نئين ديپ جلا دو،
ڀارت سي نشان فرقيپرستي کا مٽا دو.''
ٻئي هڪ نئين شاعر ساجد سرونجي لکيو آهي:
''وقت کهتا هئہ گلي سب کو لگانا چاهيي،
پهلي جو کاچ هو چڪا هئہ، ڀُول جانا چاهيي،
آئو ايسي بيج بوئين، جن مين ڦل ميٺي لگين،
يہ نہ سوچو فصل آني کو زمانہ چاهيي.''
هڪ ٻئين شاعر اوم پرڪاش لاغر ''ايوان اُردو' مخزن ۾ تازو لکيو آهي:
''گهر گهر مين هوتي رهين خوشيون کي برسات،
دن آئي تو عيد سا ديوالي سي رات.''
حفاظت ڪهنتوي چوي ٿو تہ پاڙڪي هندو مسلمان نہ پر اِنسان سمجهي رهو ۽ عيد ۽ ڏياري ملهايو، جئن:
''اَب هندو نہ مسلمان سمجھ کر ديکهين،
کوئي نادار نہ ڌنوان سمجھ کر ديکين،
ڌرم کي نام پي طوفان اُٿاني والي،
صرف انسان کو انسان سمجھ کر ديکين،
کاش اِس طرح ايڪ هو جائين،
جس طرح رشتہ گل و مالي،
عيد هندو منائين ڀارت ۾،
اور مسلمان منائي ديوالي.''
مهدي پرتاب ڳڙهي ''اهنسا کي مشعل کو ڦر سي جلا دو'' سري واري شعر ۾ چوي ٿو: هتي ٻڌ، ڪرشن، گرو نانڪ ۽ صوفين برابري ۽ ڀائپيءَ جو سنيهو ڏنو هو :
''يهان بدهہ ني آواز حق کي اُٺائي،
يهين ڪرشن ني اَپني گيتا سُنائي،
کيا صوفيون ني دلون کي صفائي،

**اَخوت کي نانک ني گنگا بهائي."**

آخر ۾ چوي ٿو: اڳتي وڌي نفرت جي ديوار ٽوڙي ڇڏيو ۽ اهنسا جي جوت جلائي سٽلن کي جاڳايو:

**"بڑھو اور نفرت کي ديوار ڍها دو،**

**اهنسا کي مشعل کو ڦر سي جلا دو،**

**تشدد کي تاريکيون کو مٽا دو،**

**جو هين خواب غفلت مين ان کو جگا دو."**

هن مختصر ۽ سرسري نظر مان ظاهر آهي تہ اُردوءَ ۾ قومي ايڪتا جي شاعريءَ واري پرمپرا چڱي وقت کان هلي اچي ٿي ۽ اڄ بہ نوان شاعر ان تي عمل ڪري رهيا آهن. هو بہ پنهنجي شاعريءَ سان نہ فقط اُردو اَدب ۽ ٻوليءَ کي اوج ڏيئي رهيا آهن، پر ڀارت ۾ بہ انسانيت ۽ قوميت، ڀائپي ۽ برابري، سهپ ۽ سيڪيولرزم جو سنيهو ڏيئي ٻين ٻولين جي ساهتڪارن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي رهيا آهن.

(۱۹۹۳)

*****

# اعليٰ اَديب مُنشي پريمچند

منشي پريمچند اسان جو هڪ اهڙو اعليٰ اديب هو، جنهن نہ رڳو دل جي سچائيءَ سان پنهنجي وقت ۽ سماج جو حقيقي چٽر چٽيو، پر اُن سان گڏ هندستاني (هندي ۽ اُردو) ڪهاڻيءَ ۽ ناول کي هڪ نئون موڙ ڏنو. اُن لاءِ کيس پراڻا پيچرا ترڪ ڪري ۽ مدي-خارج مارڳہ مٽائي نيون راهون روشن ڪرڻيون پيئون. هن وڏي واکي چيو تہ ساهت صرف ''وندر، روايتي عشق ۽ عياشيءَ'' جو اظهار ڪونهي، ليڪن اُهو ''زندگيءَ جي نڪتچيني'' آهي ۽ ''انسانيت، اُنتيءَ ۽ شرافت جي وڪالت'' آهي. انڪري پريمچند، ورثي ۾ مليل جاسوسي ۽ روحاني، طلسمي ۽ ڪرامتي من گهڙت قصن جي نقل بدران عام ماڻهن جي روزاني جيوت جي حقيقي تصوير پيش ڪئي. اُئين هن هندستاني ڪهاڻي ۽ ناول کي حقيقت نگاريءَ واري ڌارا ڏني، جيڪا اڄ بہ سموري ڀارتي ساهت جي مکيہ ڌارا آهي. ان مان ئي منشي پريمچند جي اڄ جي اهميت بخوبي ظاهر آهي.

## گونگن جي زبان

اهو منشي پريمچند ئي هو، جنهن پهرين پهرين يارت جي اَٿاهه گونگي هاري ۽ ديهاتي آدم جي دل جي ڌڙڪڻ، دک سک، لڙڪ مرڪ، تڙف تمنا کي زبان عطا ڪئي. هو هڪ اهڙو يارتي ليکڪ هو، جنهن ڪسانن ۽ ڳوٺاڻن تي ٿيندڙ ظلم ۽ ستم جو آزمودو پرائي ۽ ايياس ڪري اُنهن جون ڪهاڻيون ۽ ناول دنيا اڳيان پيش ڪيا، جن مان ڪي ته شاهڪار بڻجي پيا آهن ۽ اڄ به اڌ صدي گذرڻ بعد اهڙا اَڪت درياهه آهن، جن مان هن ديس ۽ دنيا جي ڪيترن ملڪن جا پانڪ پياس بجهائيندا رهن ٿا.

منشي پريمچند جي زندگي خود به هڪ شاهڪار رچنا هئي. سادگي، سچائي ۽ صاف گوئي، اُصول، اُديش ۽ عمل، اُن جون خاص خوبيون هيون. ان جو ذڪر هن خود بنارسيداس چترويديءَ کي لکيل خط ۾ هيئن ڪيو هو، ”مونکي آرام واري حياتي نه کپي. سدائين پنهنجي ساهت ۽ ديس لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪندو رهڻ چاهيان ٿو. پنهنجيءَ گهرج لاءِ سادا سودا چانور، ڪڙهي، ٿورو مکڻ ۽ سادا سودا ڪپڙا ڪافي آهن.“

پريمچند کي جنم کان ئي مفلسيءَ جو مقابلو ڪرڻو پيو جو هو ٣١ جولاءِ ١٨٨٠ تي يو.پيءَ جي هڪ ڳوٺ لمهيءَ ۾ هڪ غريب ڪٽنب ۾ پيدا ٿيو. هو پاڻ برابر هاري نه هو ته به هارين ۽ ڳوٺاڻن جهڙي حياتي گذاريائين. ڏينهن رات ساڻن ڪچهريون ڪيائين، سندن جهيڙا جهٽا نبيريائين، کين سرڪاري قاعدا قانون سمجهايائين. سندن دک سک ۾ ساٿ ڏنائين. ننڍي عمر ۾ ئي عملي ميدان ۾ ٽپڻو پيس. ستين سالين ۾ جيجل گذاري ويس، ١٥ ورهين ۾ پٽس هڪ بدصورت ۽ بدفضيلت پتنيءَ سان پلؤ اٽڪائي ٻئي سال وڃي ساسين سکالو ٿيو. ان ڪري پريمچند کي گهر جو بوجو سنڀالڻ لاءِ ٺائون درجو پڙهندي، نوڪري ڪرڻي پيئي. سندس پتنيءَ جي سَسُ (پريمچند جي ماٽيلي ماءُ) سان کٽ پٽ ٿيڻ ڪري هوءَ پريمچند کي ڇڏي پيڪي هلي ويئي ته وري نه موٽي ۽ پريمچند

نيٺ ١٩٠٥ ۾ ٻال وڌوا شوراڻيءَ سان شادي ڪئي جا سچي جيون ساٿڻ ۽ ليکڪا بہ بڻي.

## جيون جو اُديش

پريمچند ساهت کي پنهنجي جيون جو اُديش ۽ اُصول بڻايو هو. انڪري سندس شروعاتي رچنائون پڻ سماجڪ مقصد پريون آهن. پهرين پهرين هڪ ننڍو ناٽڪ لکيائين، جنهن ۾ پنهنجي ء هڪ مائٽ جي هڪ چمارڻ سان لڪچوريءَ ڪام ترشنا ٻجهائڻ جي اوگهڙ ڪيائين. پنهنجي پهرين ناول ''پريما'' ۾ ٻال وڌوا وهانءَ جي حق ۾ ۽ ڪترپڻي خلاف آواز اُٿاريائين. هن جي پهرين ڪهاڻي ''دنيا جو سڀ کان اَملهہ رتن'' تہ پريمچند جي اُديش ۽ اُصول کي تمام چٽو ٿي ڪري. ان ۾ ليک ٻڌايو آهي تہ سڀ کان قيمتي وستوُ شهيد جي پيءُ جو لڙڪ نہ آهي ۽ نہ وري پتيءَ سان چکيا تي چڙهيل ستي اِستريءَ جي هاني آهي، ليڪن پنهنجي وطن جي آزاديءَ لاءِ وهايل خون جو آخرين قطرو ئي سڀ کان اَملهہ رتن آهي. هن ڪهاڻيءَ سان ٻين ۴ قومي ڪهاڻين کي گڏي ''سوز-وطن'' نالي مجموعو ڇپايائين. ان وقت پريمچند سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو. سرڪار کي جڏهن پتو پيو تڏهن اُن ڪتاب جون سڀ ڪاپيون ساڙيون ويئون ۽ ڪيس آئيندي لکڻ کان منع ڪئي ويئي. ليڪن پريمچند ڪٿي ٿو اها روڪ قبولي. هن پنهنجي اصلوڪي نالي ڏنپتراءِ ۽ نوابراءِ بدران ''پريمچند'' جي قلمي نالي لکڻ شروع ڪيو. اجهو ائين پريمچند جو قلمي نالو وجود ۾ آيو. اُن وقت سڄي ڀارت ۾ هي پهريون ڪهاڻين جو ڪتاب هو جنهن کي سرڪار بغاوتي سمجهي باهہ ڏني ۽ بندش وڌي.

جڏهن ''سوز-وطن'' ڪتاب ڇپيو، تڏهن اهو ١٩٠٧-١٩٠٥ وارو سوديشي هلچل وارو زمانو هو، تڏهن بنگال جي ورهاڱي خلاف انگريزن خلاف ڀارتي جنتا پهرين اعتراضي هلچل شروع ڪئي هئي. ان وقت ڀارتي انقلابين بہ انگريزن کي سکي شُمهڻ نہ ٿي

## وشو ساهتيڪار

منشي پريمچند متين وشين تي ٻڌن کن ناول لکيا: پريما يا پرتگيا، وردان، سيوا سدن، پريم آشرم، نرملا، رنگ ڀومي، ڪايا ڪلپ، غبن، ڪرم ڀومي، گئودان، منگل سوتر (اڌورو). جڏهن ١٩١٦ ۾ ’سيوا سدن‘ وئشياپڻي جي پس-منظر ۾ استريءَ جي اڌڪارن جو آواز بلند ڪندڙ ناول ڇپيو، تڏهن سڄي ديس ۾ ان تي خوب بحث مباحثو ٿيو جو اهڙي قسم جو اُهو پهريون ناول هو. وري ١٩٢٢ ۾ ’پريم آشرم‘ ڇپيو ۽ اُن تہ طوفان مچائي ڇڏيو، جو اُن ۾ نہ رڳو راجنيتڪ هلچل جي تصوير هئي، پر زميندارن ۽ هارين جي جدوجهد بہ ڏيکاريل هئي. اُن ۾ رشيا ۾ ٿيل سوشلسٽ انقلاب جو بہ ذڪر هو. اُن وقت ڀارتي ساهت ۾ راجنيتڪ ۽ آرٿڪ هلچل جو چٽر چٽيندڙ ’پريم آشرم‘ پهريون ناول هو. هنن ٻن ۽ اڳين ٻن ناولن ۾ جيڪا سڌارواد ۽ آدرشواد جي نُڪتہ-نگاهہ جي خامي هئي، سا پوين ناولن ۾ دور ٿيندي ويئي. مهاتما گانڌيءَ جي ١٩٢١-٢٢ ۾ ١٩٣٠-٣١ وارين هلچلن کان متاثر ٿي، رنگہ ڀومي (١٩٢٥) ۽ ڪرم-ڀومي (١٩٣٢) جهڙا ڪامياب ناول لکيائين. ’نرملا‘ (١٩٢٣)، ڪايا ڪلپ (١٩٢٨) ۽ غبن (١٩٣١) ناولن ۾ وري وچولي طبقي وارن جي زندگيءَ جي حقيقي تصوير ڏنل آهي. هيل تائين منشي پريمچند رڳو ڀارتي ناول جو راجا سڏجڻ ۾ آيو، پر آخرين ناول گئودان (١٩٣٦) جهڙي شاهڪار ڇپجڻ سان هو وشوَ ناول نويسن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. پڇاڙيءَ جو بيماريءَ جي بستري تان لکيل اڌورو ناول ’منگل سوتر‘ مڪمل ڪري سگهي ها تہ اُهو انقلابي ناول ليکجي ها، جو اُن ۾ هن انقلابي ويچارڌارا ڏني آهي. ان جي نائڪ ديو ڪمار واتان چوائي ٿو، ”سيني کي برابر وجهہ ڪٿي آهن؟ ڪٿي آهي انصاف؟ ڪٿي آهي؟ ڪي ماڻهو ڪيترن ئي طريقن سان جنتا کي ڦرين لٽين پيا ۽ پاڻ عيش پيا ڪن. اهو ئي ايشور جو انصاف آهي؟ ... ديوتا سدائين رهندا ۽ رهيا پئي آيا آهن. ليڪن اُنهن کي ديوتا چو چئجي؟ ڪين ڪائر، سوارٿي ۽ آتم شيواڌاري چئو. ديوتا اُهو آهي جو انصاف جي رکيا ڪري ۽

اُن لاءِ جان قربان ڪري. جيڪڏهن هي دنيا جو ڪڏو ڪاروبار سندس اکين ۾ نٺو ڇُپي ته پوءِ هو انڌو آهي، بيوقوف آهي ... ديوتائن ٿي نصيب، ايشور ۽ ڀڳتيءَ جو پرم ڦهلائي ان نيتيءَ کي امر رکيو آهي. انسان ته هن ڪان اڳي، ان جو اَنت ڪري ڇڏي ها .... نه، نه، انسانن جي وچ ۾ انسان ٿي رهڻو آهي. جهنگلي جانورن جي وچ ۾ اُنهن سان لڙڻ لاءِ هٿيار ڪٽڻا پوندا، اُنهن جي چنبن جو شڪار ٿيڻ ديوتاپڻو نه، پر بيوقوفي آهي.''

جهڙيءَ طرح ناول ۾ منشي پريمچند مال ۽ رومال (ويچار ۽ ڪلا) جي لحاظ ڪان ترقي ڪندو رهيو، تهڙيءَ طرح ڪهاڻيءَ ۾ به ترقي ڪندو رهيو. شروعاتي ڪهاڻين جي واقع ڪاري (يعني پلاٽ بدران پوءِ سيرت نگاريءَ تي آدرشواد ۽ سڌارواد بدران حقيقت-نگاري (يٿارٿواد) ۽ منووگيان تي زور ڏنائين. ٽيڪنڪ ۾ به ترقي ڪندو هليو. ليکڪ طرفان ڪهاڻي ٻڌائڻ بدران آتم ڪهاڻي، گفتگو، خود ڪلامي ۽ ڪامينٽريءَ جي ٽيڪنڪ ۾ به قلم آزمائي ڪيائين، جيڪا اڄ جا ڪهاڻي نويس به ڪم آڻي رهيا آهن.

پريمچند جون پڇاڙيءَ ۾ لکيل ٻه ڪهاڻيون 'ڪفن' ۽ 'سياري جي رات' ته دنيا جون شاهڪار ڪهاڻيون مڃيون وڃن ٿيون. سندس بهترين ڪهاڻين جي فهرست ته ڪافي وڏي آهي جن ڪيس دنيا جي چوٽيءَ جي ڪهاڻي نويسن جي قطار ۾ بيهاريو آهي.

## اعليٰ اخبارنويس

منشي پريمچند اوچ ساهتڪار سان گڏ اوچ پترڪار به هو. هن جي اخبارنويسي به اُصول پرستيءَ واري هئي. جنهن مخزن سان اُصولي متڀيد هئس، اُن کي پنهنجي رچنا نه ڏنائين ۽ نه وري اُن جو ايڊيٽر ٿيڻ قبوليائين. ڪجهه وقت ١٩٢٤-٢٥ ۾ 'مريادا' مخزن جو ۽ ١٩٢٩-٣٠ ۾ 'ماڌوري' مخزن جو به ايڊيٽر ٿيو. انهن مخزنن ۾ ترقي پسند نڪته-نگاهه ڪان سمپادڪي ليک لکيائين، جن مان ڪي رشيا جي سوشلسٽ انقلاب جي فائدن ۾

هئا. هن قرض ڪٽي پنهنجي ’سرسوتي پريس‘ کولي، جا اڄ تائين پيئي هلي. اُن مان ١٩٣٠ ۾ ماهوار ’هنس‘ ۽ ١٩٣٢ ۾ هفتيوار ’جاگرڻ‘ شروع ڪيائين، جن هندي اخبارنويسيءَ ۾ هڪ يگانو رول ادا ڪيو. انهن اخبارن ۾ راجنيتڪ، آرٿڪ، سماجڪ ٽيڪاٽپڻيءَ سان گڏ ساهتڪ پرڪ وارا ليک به ڏيندو هو. ’هنس‘ ۾ تہ هندي-اُردوءَ ڪانسواءِ بين ڀارتي ٻولين جون به رچنائون ڏيندو هو، جيئن سنڌيءَ جي شاه لطيف ۽ بيوس وغيره جون رچنائون ڇپيون هئائين. ائين پريمچند ڀارتي ٻولين جي ساهتڪارن ۽ ساهت جو پاڻ ۾ سنٻنڌ جوڙيو.

## سرڪار طرفان ضمانت ۽ بندش

منشي پريمچند جي ٻي باڪ اخبارنويسي انگريز سرڪار جي اک ۾ کٽڪڻ لڳي. هن جي خاص ليکہ خلاف اعتراض وٺي ’هنس‘ مخزن کان ضمانت گُهري ويئي. ساڳئي وقت سندس ڪهاڻين جو نئون مجموعو ’سمر ياترا‘ پڻ ضبط ڪيو ويو. منشي پريمچند کي پريس ۽ اخبارن مان ڏهہ، پندرهن هزار رپيا نقصان هو. هوڏانهن ضمانت ڏيڻي هئس. هو اها پورت ڪرڻ لاءِ هڪ سال بمبئيءَ ۾ فلمن لاءِ ڪهاڻيون لکڻ جو ڪانٽرئڪٽ ڪري ويو، پر ڪهاڻين جو اهڙو ڪچومبر ڪيو ويس، جو اها ڳالهہ ۽ فلمي دنيا جي حالت برداشت نہ ڪري ماڳہ موٽي آيو ۽ آخرين ناول ’گئودان‘ پورو ڪرڻ ۾ رڌل ويو. ساڳئي وقت پريس ۽ اخبارن ۾ به ڄڻ مزدور وانگر ڪم ڪرڻ لڳو.

## ترقي پسند ليکڪن جو ساٿي

اهڙي وقت نوجوان ترقي پسند ليکڪن پنهنجي سنسٿا ٺاهڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون، تن ۾ به پريمچند سندن ٻانهن ٻيلي ٿيو. هن ترقي پسند ليکڪن جي پهرين ڪانفرنس، جا ٩ ۽ ١٠ اپريل ١٩٣٦ تي ٿي، تنهن جي صدارت ڪئي. ان ۾ پنڊت جواهرلعل پڻ شريڪ ٿيو هو تہ گرديو ٽئگور ۽ شرت چندر به سنيها

موڪليا هئا ۽ ليڪن جو پڙنامو صحيح ڪيو هو. پريمچند جي ڪانفرنس جي پريزيڊنٽ واري تقرير اتهاسڪ ۽ اهم ليکي ويئي آهي. اُها اڄ بہ ڪنن ۾ پيئي گونجي. چيائين، ”ساهتڪار جو اُديش محفل سينگارڻ ۽ وندر پيش ڪرڻ ناهي ... هو وطن دوستي ۽ راجنيتي پنيان نہ، پر اُن جي اڳيان هلندڙ سچائي آهي ... جو ڪريل آهي، پيڙيل آهي ۽ وانجهيل آهي، اُن جي وڪالت ڪرڻ هن جو فرض آهي. هن جي عدالت سماج آهي ... اسان جي ڪسوٽيءَ تي اُهو ئي ساهت کرو نڪرندو، جنهن ۾ اوچ خيالات هجي، آزاديءَ جو اُمنگ هجي، سونهن جو سار هجي، سرجڻ جي آتما هجي، جيون جي سچائيءَ جو تجلو هجي، جيڪو اسان ۾ اڳتي وڌڻ جي شڪتي، ڪشمڪش ۽ بيقراري پيدا ڪري ۽ سمهاري نہ ڇڏي.“

## آخرين وصيت

اُن ڪانفرنس ڪانپوءِ هو يڪدم بيمار ٿي پيو. ان بيماريءَ ۾ بہ هن لکڻ ترڪ نہ ڪيو، سوچڻ نہ وساريو، ديس ۽ دنيا جو حال چاڻ نہ ڇڏيو ۽ جڏهن جڳہ مشهور روسي ليکڪ مئڪسم گورڪيءَ جي جوُن ١٩٣٦ تي موت جي خبر ٻڌائين تہ سخت بيماريءَ جي بستري تان اُٿي بہ شرڌانجليءَ واري ميٽنگ ۾ ويو. پر تقرير بيهي نہ پڙهي سگهيو ۽ هن ٻدران ٻئي سندس تقرير پڙهي. اُها تقرير آڌي رات جو جاڳي لکي هئائين، جنهن تي سندس پتنيءَ بہ گهڻو ئي روڪيو هوس. پر ڪيس ائين چئي مان ڪرايائين تہ گورڪي اسان جو ئي هڪ پنهنجو ساهتڪار هو. پڇاڙيءَ ۾ گورڪيءَ پريمچند کي ڏاڍو اُتساهت ۽ متاثر ڪيو هو، جنهنجي جهلڪ سندس آخرين اڻپورو ناول ’منگل سوتر‘ ۽ ’مهاجني سڀيتا‘ واري ليکہ مان ملي ٿي. اُهو ليکہ سندس موت کان فقط هڪ مهنو اڳ ’هنس‘ ۾ ڇپيو، ان ۾ سرمايداري سرشتي جا ڏاڍا چوڏا لاٿائين ۽ رشيا جي نئين سوشلسٽ سڀيتا جي خوب واکاڻ ڪيائين. چيائين، ”... اولهہ ۾ هڪ نئين سڀيتا جو سورج اُڀريو آهي ...

جنهن پونجيواد جي پاڙ پٽي آهي. ان جو مکيہ اُصول آهي هر شخص جو محنت ڪري ڪجهہ پيدا ڪري ٿو، سو راڄ ۽ سماج جو معتبر ڀاتي آهي .... اُتي هڪ سرمايدار لکن مزدورن جو خون چوسي ٿلهو نتو ٿي سگهي ... اڄ نہ سيان سڄو سنسار ان سپيتا جي وات وٺي هلڻو آهي.''

هيءَ آهي اسان جي امر ساهتڪار ۽ پترڪار منشي پريمچند جي اسان لاءِ آخرين وصيت، جيڪا اسان کي ساهہ سان سانڍي رکڻي آهي.

(١٩٨٠)

*****

# شرت چندر چٽرجي

جنهن زماني ۾ شرت چندر (١٥ سپٽمبر ١٨٧٦) ڄائو، اُن زماني ۾ ڀارت ۾ انگريزي راڄ پڪي پائي تي قائم ٿي چُڪو هو. ملڪ ۾ هنري ترقي ٿي رهي هئي، جاگيرداري نظام جو زور گهٽجي رهيو هو ۽ وچولو طبقو پئدا ٿي رهيو هو. بنگال ۾ هڪ طرف ڌرم، انڌ وشواس ۽ روايت پرستيءَ جو بول بالا هو تہ ٻئي طرف مغربي سڀيتا ۽ تعليم جو پرچار وڌندڙ هو. بنڪم چندر ۽ ٽئگور جي ناولن، بنگالي ساهت جي سڪل کيت ۾ ٻج ڇٽيو ۽ شرت چندر اُنکي سرسبز بڻايو. ليڪن هو بنڪم ۽ ٽئگور کان نرالو هو. شرت چندر پهريون ئي پيشہور بنگالي ليکڪ هو. بنڪم چندر اُن مت جو پرچارڪ هو تہ مروج رسمن موجب برائي ڪندڙ کي سزا ملڻ کپي. (مثلا ’چندر شيکر‘ جي شيوالني ۽ ’ڪرشنڪانت ڪا بل‘ جي روهڻي نائڪا) ليڪن ٽئگور اُنهن رسمن رواجن تي ٽيڪا ڪئي ۽ سماج ۾ جيڪي خرابيون ڏسڻ ۾ آيون، اُنهن خلاف اعتراض بلند ڪيو. شرت چندر تي ٽئگور جو اثر ٿيو. ليڪن هو ٽئگور کان

اڳتي وڌي ويو. جتي ٽئگور ’مايا‘ ۾ صرف اهو ڏيکاريو تہ وڌوا جي دل ۾ پڻ پريم لاءِ تڙڦي ٿي، اُتي شرت وڌوا وواهہ جي زبردست حمايت ڪئي. ٽئگور جي ’گهر ۽ ٻاهر‘ ناول ۾ ’راڻي صاحبان‘ نون خيالن واري نوجوان سان زبردست محبت ڪندي پڇاڙيءَ ۾ پراڻن خيالن جو ئي جهنڊو بلند ڪري ٿي. پر شرت چندر جي ’سوال‘ جي نائڪا ’ڪمل‘ شادي، پيار ۽ ڌرم متعلق مدي خارج خيالن کي چوُر چوُر ڪري ٿي ڇڏي.

ٽئگور خود شرت چندر لاءِ چوي ٿو تہ، ”جهڙي قابليت سان هن گهروُ جيون جو چتر چٽيو آهي، اهڙو ٻئي ڪنهن بہ ليکڪ نہ چٽيو آهي.“ اُنجو سبب اِهو آهي جو هن وچولو طبقي جي پنگتي جيوت جو نہ صرف اڀياس ڪيو پر اُنجي خوشين غمين وغيره ۾ خود حصو ورتو. ١٧ ورهين ۾ ئي هنکي ٻي گهر ٿي روٽيءَ جي تلاش ۾ ڀٽڪڻو پيو. جوانيءَ جو گهڻو وقت ڀٽڪڻ ۾ گذاريائين. هن جيڪي ڪجهہ ڏٺو تنهنکي سچائيءَ سان پيش ڪيو. هن پنهنجن ڪردارن جي اندر پيهي سندن ڪشمڪش کي چٽيو. اِنکري چرترنگاريءَ ۾ هو پنهنجو مٽ پاڻ هو. ائين بہ تہ ڪونهي تہ هو ڪو صرف يٿارٿوادي (حقيقت نگار) هو. هو آدرشوادي پڻ هو. هنجا ڪيترا ڪردار جهڙوڪ رميش، سويہ ساچي، بپرداس جيوانند، شودوشي، روما، براج، سندا وغيره آدرشوادي آهن. پر آدرشواد جي ڀيٽ ۾ هو يٿارٿوادي وڌيڪ هو. هنجي حقيقت نگاري سطحي فوٽوگرافي يا فطرت نگاري (نيچرلزم) بہ نہ هئي ڇو تہ هو خود ان ڌارا جي خلاف هو جنهن پاڻ بہ چوي ٿو، ”ڪلا، انسان جي رچنا آهي، اها پرڪرتي (قدرت) ناهي. سنسار ۾ جيڪو ڪجهہ ٿئي ٿو ۽ تمام گنديون ڳالهيون ٿين پيئون، اهو ڪو ساهتڪ سامگريءَ لاءِ سامان ڪونهي. پرڪرتي يا سياءَ جو هوبهوُ نقل ڪرڻ فوٽوگرافي ٿي سگهي ٿي، ليڪن ڇا اُنکي ڪلاڪاري چتر چئبو؟ روزانين اخبارن ۾ ڪيتريون آنند ڏيندڙ، ڀيانڪ گهٽنائون ڇپجن ٿيون. ڇا اُهو ساهت آهن؟ اهي سچ ٿي سگهن ٿيون، پر نہ سچو ساهت.“

منشي پريمچند وانگر شرت چندر بہ هڪ وڏوا سان شادي ڪري پنهنجن خيالن کي عملي جامو پهرايو. هنجي شاديءَ جو قصو بہ نهايت رومانيت وارو آهي. چون ٿا تہ رنگون ۾ جڏهن هڪ ڏينهن شرت چندر سنجها وقت گهر موٽيو تہ انجو در اندران بند ڏٺائين. کڙڪائڻ تي روئندڙ، ڪنبندڙ ڇوڪريءَ کي ٻاهر نڪرندو ڏسي دنگ رهجي ويو. هوءَ سندس گهر ويجهو رهندڙ مستريءَ جي ڌيءُ هئي جا ٻال وڏوا هئي. ڇوڪريءَ ٻڌايس تہ سندس پيءُ ڪنهن لوفر کان ٻہ سوَ رپيا وٺي هنکي اُن سان شادي ڪرائڻ لاءِ مجبور ڪري رهيو آهي ۽ هوءَ اُن شاديءَ خلاف آهي. هوءَ شرت جي پيرن تي ڪري بچاءَ لاءِ ٻاڏائڻ لڳي. شرت چيس تہ تون رات جو هتي رهہ، سياڻي ڪو ٻلو پيٽي ڪبو. شرت اها سڄي رات ٻاهر گذاري. ٻئي ڏينهن مستريءَ شرت کي چيو تہ جي توکي منهنجي ڌيءُ تي ايترو ڪهڪاءُ ٿو پوي تہ تون ڪٽي هن سان شادي ڪر ۽ ٻہ سوَ رپيا ڏي. شرت هنکي ٻہ سوَ رپيا ڏنا ۽ ڇوڪري هن وٽ رهڻ لڳي. ڇوڪريءَ بيماريءَ سيماريءَ ۾ هنجي اهڙي تہ خدمت ڪئي جو شرت جو هن سان پيار ٻجهي ويو ۽ آخر ۾ شوَ متي موجب شادي ڪيائينس.

شرت چندر استرين جي آزاديءَ جي حق ۾ هڪ وڏو مضمون 'ناريءَ جو مُلهہ' لکيو جنهن ساري بنگال ۾ زبردست ڇوٻولو پيدا ڪيو. ڪٽرپنٿين هنکي مليڇ، غير-هندو وغيره جا لقب ڏنا. ليڪن شرت چندر نہ ڊنو، نہ هٽيو، نہ رُڪيو، پر ويو هڪ ٻئي پٺيان ناول ۽ ڪهاڻيون لکندو، جن ۾ سماج جي ستايل، ڌرم جي چڪيءَ ۾ پيسيل اَبلا اِسترين جي دل جو انوکو چٽر چٽيائين. هن سماج جي ڌڪاريل استرين ۾ انساني قدرن جي تلاش ڪئي ۽ ڏيکاريو تہ وئشيائن، راڳڻين، نوڪرياڻين وغيره ۾ پڻ چرتر جون خوبيون آهن، جي حالتن انوسار ايترو بلند ٿي سگهن ٿيون جو تپرس وٽيو وڃي. ''ديوداس'' جي چندرمکي هڪ وئشيا آهي، جا ديوداس کي پيار ڪرڻ سان ائين بدلجندي وڃي ٿي جئن لوهہ پارس لڳڻ سان سونو ٿي پوندو آهي. ديوداس هنکي چوي ٿو، ''پاپ پُنج جا

پرچارڪ تنهنجي لاءِ چا چوندا، سو معلوم نہ آهي، مگر موت بعد جي ملڻ ٿيندو تہ مان ڪڏهن جدا نہ رهي سگهندس.'' ديوداس تہ اڄ بہ آئردار ٿو لڳي، جنهن تازو نڪتل فلم مان بہ ظاهر آهي. ''شريڪانت'' جي راج لڪشمي ڪا باقاعدي ويشيا ناهي، پر راڳڻي آهي، جنهن ڳائي ڪي ئي پنهنجو ڌندو بڻايو آهي. هوءَ شريڪانت سان پيار ڪندي هنجي جيڪا شيوا ڪري ٿي سا ڪنهن بہ گهر-گرهڻيءَ کان گهٽ ناهي. هنجو سندر چتر اها ڳالهہ صاف ٿو ڪري تہ اِستري جڏهن محبت ڪري ٿي تڏهن اُن لاءِ سڀ ڪجهہ قربان ڪري سگهي ٿي. ساڳي طرح 'چرترهين' ۾ نوڪرياڻي ساوتري ستيش کي ڪيڏو نہ پيار ۽ خدمت ڪري ٿي ۽ 'شويدا' ۾ ويشيا ڪاتياڻي مصيبت ۾ پيل شخص سان نہ صرف همدردي ڪري ٿي، بلڪ هنن کي پئسي جي مدد ڪري ٿي.

شرت چندر پهريون بنگالي ليکڪ هو جنهن هڪ انقلابيءَ وانگر اها تقاضا ڪئي تہ استرين جي اخلاق کي پڻ ساڳئي معيار سان جاچيو وڃي جنهن سان مردن جي اخلاق کي جاچيو وڃي ٿو. ''استريءَ لاءِ هڪ ئي شخص کي پيار ڪرڻ ۽ ستيپڻو بہ ساڳيون ڳالهيون ناهن.'' شاديءَ جو بنياد پيار آهي. ''آزاديءَ جا اُپاسڪ'' ۾ 'سمترا' واتان چوائي ٿو، ''ستيپڻو رڳو سرير تائين محدود ناهي، اهو من ۾ بہ تہ هئڻ گهرجي. من، وچن ۽ ڪرم ۾ پريم هئڻ کان سواءِ سچي ستيپڻي تائين رسڻ ناممڪن آهي. چا حقيقت ۾ منتر پڙهي وواهہ ٿي وڃڻ سان ئي ڪابہ پارتي ناري ڪنهن بہ پارتي پرش کي پريم ڪري سگهي ٿي؟'' ''سوال'' ناول جي نائڪا 'ڪمل' جا ئي شرت جي هڪ مڪمل باغي ڪردار آهي، اُنجي واتان چوائي ٿو، ''هڪ ڏينهن جنهن سان پريم ڪبو آهي، وري ڪنهن وقت ڪنهن بہ ڪارڻ اُن ۾ تبديل جي گنجائش ناهي، من هو اهو اٽل اَچل ڌرم نہ صحتمند آهي ۽ نہ شهڻو آهي.'' هھڙن ويچارن رکندي بہ شرت چندر چڙواڳي ۽ اَسماجڪتا کي نہ همٿايو.

شاديءَ جي سوال کانسواءِ ڌرمي ڳالهين بابت پڻ شرت

چندر جا خيال باغي چئي سگهجن ٿا. هنجو ايشور جي هستيءَ ۾ ڳهٽ وشواس هو. اُن عقيدي جو قائل ئي نہ هو تہ جيڪا چيز جڳہ جڳنتر کان هلندي آئي آهي، اُنتي اکيون پوري عمل ڪجي. هنجي نظر ۾ سچ جي معنيٰ، حالتن انوسار هميشهہ بدلبي رهي آهي. ”آزاديءَ جا اُپاسڪ“ ناول ۾ سويہ ساچي واتان بڌائي ٿو، ”هن سدا ڦرندڙ سنسار ۾ ڪجهہ بہ ٿر، اَمر ۽ اَجر ناهي. هرڪا چيز هردم روپ بدلائيندي رهي ٿي ... سچ بہ هر زماني ۾ ضرورت آهر نئون روپ وٺي ٿو. سڀ ڌرم جهونا ۽ ڪوڙا ٿي ويا آهن، خرابين سان پرجي چڪا آهن ... دنيا ۾ انسانيت جا ايڏا وڏا دشمن ٻيا ڪونہ هوندا.“ ”شريڪانت“ ۾ شريڪانت واتان چوائي ٿو، ”جنهن لاءِ گهر ٻار تياڳيو وڃي ٿو اُن پرماتما لاءِ بہ منهنجي اندر ۾ ڪا چاهنا ڪانهي.“ شريڪانت ناول اَڄ تائين هنجو شاهڪار ليکجي ٿو. اُهو ناول فرينچ نوبيل انعام کٽيل ناول نويس رومين رولان پنهنجي ڊيءُ جي واتان فرينچ ۾ ٻڌو تہ ڏاڍو متاثر ٿيو. خوب سارا هيائين. جيڪڏهن اصلي ٻوليءَ ۾ پڙهي ها تہ ڪيڏو متاثر ٿئي ها.

شرت چندر ڇوت ڇات ۽ ذات پات جي ڀيد جو تہ جنسي جاني دشمن هو. اُن وقت بنگال ۾ انهيءَ ڀيد ڀاو ماڻهن جي زندگيءَ کي گهٽي ڇڏيو هو. شرت چندر جي رچنائن اُن کي گويا چوٽڪارو وٺي ڏنو. شرڪانت جي واتان چوائي ٿو، ”انسان جو صرف ڪم ئي اَڇوت ٿيندو آهي، پر نہ خود اِنسان.“ ”آزاديءَ جا اُپاسڪ“ ناول ۾ چوائي ٿو، ”اِنسان جي چهري جو رنگہ سندس اِنسانيت جو پيمانو ناهي.“

شرت چندر اُنهن ليکڪن مان نہ هو جيڪي سياست کان ون۾ ويندا آهن. هنجو تہ اهو يقينو هو تہ ملڪ جي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ پارٽ وٺڻ هرڪنهن جو فرض آهي. هڪ ڀيري يوسف مهرعلي کي چيائين، ”منهنجو هميشهہ اهو عقيدو پئي رهيو آهي تہ هرڪنهن ملڪ ۾ تخليقي فنڪار کي نہ صرف عام ماڻهن جي سرگرمين کان دور رهڻ نہ کپي، بلڪ وڌيڪ جوابداريءَ سان ڪم

ڪرڻ ڪپي.'' هن ۱۹۲۱ ۽ ۱۹۲۲ واري قومي هلچل ۾ حصو ورتو.

۱۹۲۲ ۾ جڏهن هورا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو پريزيڊنٽ هو تڏهن هو انقلابين سان لهوچڙ ۾ آيو. اُن وقت ''آزاديءَ جا اُپاسڪ'' ناول لکيائين، جنهن ۾ انقلابي جيوت جو چِٽر چِٽيو اَٿس. هي ناول سياسي ۽ آرٿڪ مسئلن جي سؤ سيڪڙو صحيح حل نہ ڏيندي بہ اسانجي راجنيتڪ جيوت جي اهم حصن کي زنده روپ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اُن ناول آزاديءَ جي هلچل ۾ هڪ مکيہ پارٽ ادا ڪيو آهي. هن ناول مان شرت بابوءَ جي سامراجوادين ۽ سرمايدارن خلاف نفرت جي ڄاڻ ملي ٿي.

اها نهايت حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ آهي تہ جنهنجي زندگيءَ جو ڪافي عرصو غريبيءَ ۾ گذريو، اُنجي رچنائن ۾ سواءِ ڳوناٽي سماج، شوپڏا، شريڪانت ناولن ۽ اَپاگني ۽ مهيش ڪهاڻين جي، بين ۾ غريبيءَ جو ذڪر ناهي. هنجي اڪثر ڪردارن کي روٽيءَ جي چڻ چنتا ئي ڪانهي. اها هنجي خامي هئي. مٿين لکڻين مان ''مهيش' ڪهاڻي ئي آهي، جنهن مان اهو صاف ظاهر ٿو ٿي بيهي تہ مٿئين طبقي جي لوٽ کسوٽ ڪري ئي هيٺيون طبقو پيڙجي ٿو. اُن ۾ ڊيڪاريل آهي تہ ڪيئن نہ هاري، زميندار ي ظلم ۾ ڳيسجي پرولتاڙي (پورهيو ڪندڙ مزدور) بڻجي ٿو. پڙهندڙ جي دل ۾ جڏي نظام لاءِ بيحد نفرت پيدا ٿئي ٿي. هيءَ شرت چندر جي هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي، جنهن منشي پريمچند جي شاهڪار ڪهاڻي 'ڪفن' سان گڏ، جديد هندستاني ڪهاڻيءَ ۾ ترقي پسند ڌارا جو ٻج ڇٽيو. هن ڪهاڻيءَ مان لڳي ٿو تہ هن تي رشيا جي نئين ساهت جو اثر ٿيل هو. ۱۹۲۴ ۾ منشي گنج ساهت سڀا جي صدارتي تقرير ۾ چيائين، ''تمام دکن سان پرپور هن ملڪ ۾ پنهنجي ايمان کي ترڪ ڪري روسي ساهت وانگر جڏهن اهو (اسانجو ساهت) اڃا بہ وڌيڪ سماج جي هيٺئين سطح ۾ لهي ايندو ۽ انجي دکہ درد جي وچ ۾ بيهي سگهندو تڏهن اهو صرف ديس ۾ ئي نہ بلڪ وشوَ ساهت ۾ پنهنجي جڳهہ حاصل ڪندو.''

ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته پڇاڙيءَ جي وقت شرت چندر ساميوادي خيالن جي ويجهو اچي رهيو هو، جئن سندس آخرين آڏپوري ناول 'گرجنا' مان ظاهر ٿو ٿئي. ناول جي نائڪا، زميندار جي ڌيءَ، پنهنجي عيش عشرت جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ، پنهنجي پوڙهن نوڪرن کي نوڪريءَ مان ڪڍي ٿي ڇڏي. اهڙو هڪ نوڪر گنگولي، بيڪاريءَ وچان آپگهات ٿو ڪري. ناول جو ٻيو ڪردار اَمرناٿ، نائڪا کي چوي ٿو، ”هر اِنسان کي زنده رهڻ جو حق آهي. هنجي ڪم ڪرڻ جي شڪتي گهٽ ٿي ويئي، اِنڪري ڪو هنکان زنده رهڻ جو حق کسي نٿو سگهي .... ليڪن اهڙو وقت جلد ئي اچڻ وارو آهي، جو جنڪي اڄ تون ٻڍو هئڻ ڪري بيروزگار ٿي ڪرين، تن جا ٻار ٻچا سپاٽي توکان ڪيفيت جي طلب ڪندا، انسانيت جي عدالت ۾ زمينداريءَ جي زور سان ڪنهنجو دليل ڪونه مڃيو ويندو.“

هڪ وقت شرت چندر جي پڇاڙيءَ جي لکڻين ۾ نوَن انقلابي خيالن جي پنيرائي هئي ته ٻئي طرف پراڻي ختم ٿيندڙ سماج لاءِ هڪ قسم جو ذڪر به هو. هو اُنهن ٻنهي جي وچ ۾ لڏندو رهيو ۽ جيستائين اسٽر ٿئي، تنهن کان اڳ ۾، ١٩٣٦ ۾ هنجو مرتيو ٿيو. ليڪن هو نه رڳو بنگالي ادب پر سڄي هندستاني ادب ۾ اڄ به زندهه آهي. اسان سنڌين جو ته هو پنهنجو چاتل سڃاتل ليکڪ هو، جيڪو ڪڏهن به وسرڻ جو ڪونهي.

(نئين دنيا، ١٩٦٢)

*****

# سنڌي وشوَ ڪوي شيخ اَياز

٢٨ ڊسمبر ١٩٩٧ تي اسانجي عظيم شاعر شيخ اَياز جي لاڏاڻي جي خبر وچ وانگر سنڌ، هند ۽ وديشن ۾ رهندڙ سنڌين ۾ پکڙجندي دک جي لهر ڦهلائي ڇڏي. ڪن سڏڪا ڀري رُنو ته ڪي ڏڏڪي وچان سُن ۾ رهجي ويا. اَچا ٢٣ مارچ (ڀڳت سنگهه جي شهيدي ڏينهن) تي اَياز جي ٧٥ جنم دن ملهائڻ جون تياريون پئي ٿيون ته هي اُن ڪان اڳواٽ ئي هليو ويو.

شيخ اياز سچ پچ سنڌين جو لوڪپريه لاڏلو مهاڪوي هو. هن نه رڳو جديد سنڌي ڪوتا جي فن ۽ فڪر کي يگاني اوچ ڏني پر نثر کي به شاعراڻي رواني ۽ ڪلپنا سان دلڪش ۽ دلچسپ بڻايو. هو پڪا ٥٠ سال سنڌي ڪوتا تي ڇانيل رهيو ۽ ٥٠ کن ڪتاب لکيائين جن مان تمام گهڻا شعري مجموعا آهن. هن سنڌ جي آڳاٽي شاعريءَ جي شاخ بيت ۽ وائيءَ کي وري جيئاري جاودان بڻايو ۽ غزل کي به گيڙو ويس پهرايو ته بين نوَن شاعراڻي

نالي کي ئي مٽايو ويو هو تڏهن اَياز للڪاريو هو : ”ڏيهي پرڏيهي ٿيا، پرڏيهي ڏيهي - آيا گهر ۾ اوپرا، نڪري ويا نيهي - پراوا پيهي والاري ويا سنڌڙي.“

سنڌيت جي ورثي جي نشاني شاه لطيف کي مخاطب ٿي اياز چيو، ”جاڳ پٺائي گهوٽ، سنڌڙي ٿي توکي سڏي - مرن پيئون مارويون، قابو آهن ڪوٽ - اڄ تہ تنهنجي اوٽ ڏاڍن کي ڏاري ڇڏيون.“ اُهو سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئون آواز هو جو ٥٠ جي ڏهاڪي جي شروع ۾ بلند ٿيو هو. اهڙن ڪيترن ئي بيتن ۽ واين پين سنڌ ۽ هند جي شاعرن کي متاثر ڪيو. اِن ڪانپوءِ يڪدم ٻيو مجموعو ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ ڪڍيائين. اُن تي مون سمالوچنا ڪندي جنوري ٦٣ جي نئين دنيا ۾ لکيو هو : سنڌي شاعريءَ ۾ هي پهريون مجموعو آهي، جنهن ۾ سواءِ هڪ نظم جي ٻي ڪابہ ڏاريائي محسوس نٿي ٿئي پر پنهنجائيءَ جو هڪ اُهو احساس ٿئي ٿو، جيڪو ڪلام جي ٻوليءَ، لهجي، تصوير ڪشيءَ ۽ ماحول مان پيو ٽپڪي. پنهنجي پياري ڌرتيءَ جي سرهاڻ پئي اچي. اصل غزل کي بہ پنهنجو گيڙو رنگ (هندي ماترائن ۾) ڏنو اٿس.“ اُن ڪانپوءِ نارائڻ شيام ۽ ٻين شاعرن بہ اُنجو اثر ڪنيو. هينئين غزل ۾ انتظار جو ڪهڙو نہ عاليشان چِتر سنڌي زمين تي چٽيو اٿس: ’ڏڪاريون راتيون، پارو پوهہ-سيءَ، سَوڙ جا اوسيئڙا - ڳولها ڪن ٿا روز اياز - ڪنهنجي تنهنجا اوجاڳا.“

ٻئي هينئين غزل ۾ محبت جي درد جي تصوير ڪيڏي نہ جدت ۽ ندرت واري آهي - ”برکا رُت جي ڏُنڌلي باک - نيڻ نڌوريءَ جا، برسات - قيدي، چيتي جهڙو ڏينهن - زخمي هرڻيءَ جهڙي رات“ هن مجموعي ۾ بيت ۽ وايون آهن. واين ۾ بہ نواڻ آهي، جيئن ”ڪافر مومن ناهيان مان.“ ۾ سچل جي صوفي خيال ”جو ئي آهيان، سو ئي آهيان“ ۾ نئين اِضافو ڪيو اٿس. ”راج ڏاهر جون نياڻيون“ واري نظم ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجي سنڌيت

جي ورثي تي فخر ڪرڻ ۽ ساه سان سانڍڻ ۽ اڳتي وڌائڻ جو پيغام آهي. اِهو نظم اڄ شاهڪار بڻيو آهي. اهڙو سورهيائيءَ جو اِظهار پڻ سنڌيءَ ۾ پهريون دفعو ٿيو آهي، جيڪو پوءِ ١٩٦٥ جي جنگ وقت اياز جي ”هي سنگرام - سامهون آهي نارائڻ شيام، هن تي بندوق ڪيئن ڪڍان مان، هن تي گولي ڪيئن هڻان مان“ ۾ به آهي، جنهن ۾ فن ۽ فڪر جو مڌر ميلاپ آهي ته انسانيت جو به جذبو آهي، جنهن خود شيام ۾ اُن جنگ وقت پوءِ نراشا ٽوڙڻ ۾ مدد ڪئي. اُن باغي نظم ڪري اياز کي جيل به ڀوڳڻو پيو هو. ١٩٧١ ۾ وري ٻيو دفعو به بنگلاديش جي حمايت ڪري جيل ۾ وڌو ويو هو. ٦٠-١٩٧٠ جي ڏهاڪي ۾ اياز جي شاعري خوب لوڪپريه بڻي، خاص ڪري نوجوان ۽ شاگردن ۾ جيئي سنڌ جي هلچل وقت. جنهنکي حيدر بخش جتوئيءَ، ”جيئي سنڌ، جيئي هند“ جهڙو قومي گيت ڏنو. اِن سڄي دور ۾ اياز نه رڳو شعر لکيا پر ميڙن ۽ مجلسن ۾ شامل ٿي اُهي خود ڳاتا ۽ چيو، ”سنڌڙيءَ تي سر ڪير نه ڏيندو“ اِهو گيت ته سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجڻ لڳو. اِها وائي اڄ ٽيهن سالن بعد به نت نئين پيئي لڳي. اُن وقت نڪتل خاص ڪري ٽي ٻيا نوان مجموعا ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“، ”وڄون وسڻ آيون“ ۽ ”ڪپر ٿو ڪُن ڪري“، تمام اهم آهن. اُن بعد اياز سنڌ يونيورسٽيءَ جو ١٩٧٩ تائين وائيس چانسيلر رهيو ته ھُن شعر نه لکيو. پر پوءِ اُهو عهدو ڇڏڻ کانپوءِ لکڻ شروع ڪيائين ته به ڏزن کن مجموعا لکي ڇڏيائين، جن ۾ مشهور آهن: راجگهاٽ تي چنڊ، ٻڙ جي ڇانوَ، چنڊ چمبيلي وَل، اُيرَ چنڊ پس پرين، جُهڙ نيڻان نه لهي، هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جيئن وغيره.

پڇاڙيءَ جو تازو مجموعو نڪتل اٿس، ”ڪونجون ڪڙڪن روهه تي“. اُن ۾ دوهن، واين، بيتن سان گڏ ترائيل ۽ چؤسٽا به اٿس. اُن ۾ به پنهنجو سنڌيت جو جذبو، ترقي پسندي ۽

آشاوادي نظريو صاف ظاهر آهي. جيتوڻيڪ اُن ۾ تصوف ۽ موت جو بہ ذڪر آهي. پر اُن ڪري اياز جي شعر جي ڪا اهميت گهٽ نٿي ٿئي. ڏسو ڇا ٿو چوي، ”ٿي نہ اوندهہ ۾ اُداس، چانڊني راتيون بہ اينديون - مان مڃان ٿو هونءَ، موت جو ناهي ڪو مند ماس، چانڊني راتيون بہ اينديون - جيئندو رهہ، پيئندو رهہ، پو بہ جيسين آهي سواس.“ پنهنجن وروڌين کي جواب ڏيندي چوي ٿو، ”ايندو اهڙو ڏينهن بہ پائو، ويندا ڏيهہ ڏڪاري هو - ڪير چوي ٿو مون پيڙيءَ ۾ آهي سنڌ وساري.“ هو ”جهڙ نيٺا نہ لهي“ مجموعي ۾ ”سر نارائڻ شيام“ ۾ چيو اٿس، ”ناهي پنهنجي ساهت ڄو ڪو ورهاڱو“ ۽ ”آسيس ڪر تہ سنڌ جا سيس نہ جهڪن ڪنهن اَڳيان.“ ان سان گڏ ساميءَ جا نوان سلوڪ بہ ڏنا اٿس تہ ڪاليداس، ڪبير، تلسي، ميران سان گڏ شواجي، پرتاب کي بہ ياد ڪيو اٿس تہ ناگاساڪي ائٽمي بم ۽ عالمي اَمن ۽ ترقي پسند اديبن ۽ عالمن بابت هن مجموعي توڙي ٻين ۾ بہ لکيو اٿس. اٿين اياز جي شاعري عالمي شاعري (وِشوَ ڪوتا) جو حصو بڻجي پيئي. اِن شاعريءَ ۾ موسيقيءَ سان گڏ فڪر جي گهرائي بہ آهي. اِهو چوڻ صحيح ناهي تہ گيتن ۾ لئہ ۽ مدرتا جي ڪري شاعراڻو خيال نہ هوندو آهي، جيئن مشهور جديدي مرهٽي شاعر ۽ گيتڪار پدگانوڪر بہ ممبئيءَ ۾ ساهت اڪادميءَ طرفان ملهايل سندس شام جي سلسلي ۾ چيو هو ۽ جيئن ۱۹۹۰ ۾ هتي اَياز مونکي ٽي.وي.ءَ تي ڏنل ملاقات ۾ چيو هو تہ موسيقي سندس شاعريءَ جي گهرائيءَ يا فڪر اڳيان رنڊڪ نہ بڻجندي آهي. اياز شاعريءَ سان گڏ نثر بہ تمام سهڻو لکيو آهي. جيڪي ۸-۱۰ ڪتاب ٿي ويندا. جن ۾ ساهيوال جيل-ڊائري (۴۰۰ صفحا) ۾ دنيا جي ساهت، سياست ۽ علميت ۽ عقليت بابت ايترو خزانو آهي جيترو ٻئي ڪنهن سنڌي ڪتاب ۾ مشڪل آهي. ان مان اياز جو اٿاهہ اڀياس بہ ظاهر آهي. ٻيو اهڙو مجموعو اٿس

’’جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي‘‘ جنهن مان شعر توڙي افساني، ناٽڪ، ناول جي سِڪَ لهي ٿي. اِن مان موهن جي دڙي جي سيپتا ڪان وٺي اڄ جي اشتراڪي زماني جي به جهلڪ ملي ٿي. جيترو ورات روپ جيون جو ملي ٿو اوترو اياز جو به ملي ٿو جيڪو اُدرپورٽا لاءِ وڪالت ڪرڻ سان گڏ حالتن سان ٽڪر کائڻ جي به وڪالت ڪري ٿو.

ٿوري ۾ هو جيئن ٥٠ سال سنڌي ڪوتا تي ڇانيل رهيو تيئن هن ڪانپوءِ به سالن جا سال ڇانيل رهندو ۽ جيئن سويي گيانچنداڻيءَ سچ چيو آهي، ’’شاهه عبدل لطيف ڪانپوءِ اياز ئي گهٽي ۾ گهٽو شعر لکيو آهي. اصل ۾ هڪ لحاظ کان هوُ لطيف کان به وڌيڪ آهي ته هو سڌو سنئون پنهنجي دور جي واقعن کان متاثر ٿئي ٿو ۽ متاثر ڪري ٿو.‘‘

(نئين دنيا، ١٩٩٨)

*****

# اِندر ڀوڄواڻيءَ جي
# ترقي پسند شاعري

”اِندر“ ڀوڄواڻيءَ جيترو ٿي دير سان شاعريءَ جي ميدان ۾ پير ڌريو آهي، اوترو ٿي تيزيءَ سان وڪ وڌائي اچي پنهنجن همعصر نوجوان شاعرن جي اوَل صف ۾ شامل ٿيو آهي. مون کي ياد ٿو اچي تہ جڏهن پنج ڇهہ سال اڳہ (١٩٥٧) ۾ ’اندر‘ جا شعر پهرين پهرين ’نئين دنيا‘ ۾ ڇپبا هئا، تڏهن ڪي شاعر دوست، انهن جي سادگيءَ ۽ موضوعن تي کلندا هئا. ليڪن ڏسندي ڏسندي اهي ساڳيا شاعر دوست مرڪي مرڪي ’اندر‘ جي شعرن کي شوق سان پڙهڻ لڳا. ۽ اڄين سنڌي ڪوتا-گگن ۾ هڪ نئون ستارو چمڪي اُٿيو.

سچ تہ ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي ادب جي آسمان ۾ انيڪ تارا روشن ٿيا آهن، جن هڪ نئين روشني (ترقي پسند ڌارا) سان نہ رڳو پاڻ جڳمڳايو آهي، پر سنڌي قوم جي هستيءَ کي ختم ٿيڻ

مان اها سونهن اتپن تي تئي، جا دل کي راحت ۽ دماغ کي طراوت تي بخشي ۽ اکين کي نار تي ڏئي. اهڙي ئي لاثاني سونهن جو مجسمو آهي هيءُ دوهو. چوي ٿو:

**"ڳاهه لٽي ۽ گيت چئي، چوڙيون ڪن جهنڪار،**
**محنت، سونهن، ڪلا منجهان پلٽيو پوي خمار!"**

هيءُ دوهو پڙهڻ سان سچ پچ خمار چانئجي ٿو وڃي ۽ لفظ لفظ مان سچو ماحول ليئا پائيندو محسوس ڪجي ٿو، محنت ۽ سونهن جو هھڙو مٺڙ ميلاپ، ۽ ان جي زنده تصوير ڪشي جزوي جديد سنڌي شاعرن ۾ ملندي.

هن مجموعي ۾ غزل، دوها، سورٺا، نظم، رباعيون ۽ قطعا آهن. جيترا دوها ۽ سورٺا اِندر لکيا آهن، اوترا جديد شاعرن ۾ اياز ۽ شيام کان سواءِ ٻئي ڪنهن نہ لکيا آهن. دوها - سورٺا سچ پچ هن مجموعي جي جان آهن، جن ۾ زندگيءَ جي گوناگون پهلن جو ڀرپور چٽر ملي ٿو، جو جيترو ئي انوکو آهي، اوترو ئي اثر وارو. غزلن ۾ بہ ڪن هنڌن تي نئون خيال، نئون انداز ۽ نيون تشبيهون ڏنيون اٿس. مثلا :

**"جرم سڀ لاڏ مان پيا پلاڃن،**
**پيار پاڃري ۾ وينو غم کائي!"**
**"ميرا گل چو ٿو ڪاچلين، هيڏانهن ڏي،**
**هر ڏڪاريل جي دل ٻٽيان آهيون!"**
**"عشق جبلن کي ڪٽي رستا ڪييا،**
**تنهن کي روڪيو آهہ اف! ديوار و در!"**
**"هي عاقل چون ٿا: "محبت آ اَندي!"**
**اِنهن جي جهالت نہ وڃي، نہ وڃي!"**

البت ڪن غزلن ۾ جهونا روايتي ويچار بہ ڏنا اٿس. اهو ئي شراب ڪباب، اهو ئي قتل ڪهڻ، اهو ئي نہ مرڻ نہ جيئڻ. ساڳئي وقت ڪٿي جهوني خيال يا تمثيل کي نئين انداز سان يا نئين معنيٰ سان پيش ڪيو اٿس يا جهوني خيال کي نئين اشاريت سان پيش ڪيو اٿس. مثلا :

''مرڪندي، جل ڏئڻ تي تلسيءَ کي،
هت اسين تازه‌تر بڻي پياسين!''
''هميشهہ جي لءِ جوڳہ مون کي ڏنائون،
۽ سارنگہ، هنبول، ديپڪ ڪٽي ويا!''
''دل چاچي تي، نہ چيڙ ڪوهياري،
روچ آ، راڳڻي ڪٿي آهي!''
''سڌري ويندا جي سؤ عمر هوندا،
تنهنجي من ۾ جي مارئي هوندي.''

مٿين شعرن جو لهجو هڪ نجو پنهنجو آهي، جيڪو انهن کي نواڻ، تازگي ۽ توانائي عطا ڪري ٿو. محبت، جدائي ۽ درد کي جنهن پنهنجي ماحول، پنهنجين تمثيلن ۽ تشبيهن سان هنن شعرن ۾ پيش ڪيو ويو آهي، سي پارسي نموني جي غزل جي اجنبيت کان آجيون آهن. سنڌي غزل ۾ هيءَ هڪ نئين ڌارا آهي، جيڪا ڪن بين جديد سنڌي شاعرن ۾ پڻ موجود آهي ۽ نہ رڳو غزل ۾ پر شعر جي بين نمونن ۾ پڻ. اها اڄ جي يگہ جي تقاضا آهي، جنهن کان ڪوبہ سٺو شاعر يا اديب منهن موڙي نٿو سگهي. البت، ان لاءِ رڳو زندگيءَ جو مشاهدو ڪافي ڪونهي، پر نئين ساهت ۽ نئين خيال سان گڏ، پنهنجي ڪلاسيڪي، ادب ۽ آڳاٽي اتهاس جو اڀياس پڻ ضروري آهي، جنهن جو اسانجي نوجوان شاعر ''اندر'' پورو پورو اڀياس ڪيو ٿو ڏسجي ۽ جنهن کي هو هڪ سني ترقي پسند اديب وانگر پنهنجي شعر ۾ فنائتي نموني ۽ ڪاميابيءَ سان سمائي سگهيو آهي. البت ڪٿي ڪٿي رواني، نفاست ۽ بلند پروازي جي ڪمي محسوس ٿئي ٿي، ڪٿي لفظن جو حذف ڪرڻ ڪٽڪي ٿو ۽ ڪن هنڌ قافيا تز نهڪندڙ نہ آهن. اُميد تہ اندر جهڙو پختو شاعر اها خامي دور ڪري ڇڏيندو.

ڪيئن بہ هيءُ مجموعو جديد سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ سٺو، سهڻو ۽ پيارو ۽ فخر لائق اضافو آهي.

(١٩٦٣)

*****

# وشو ساهتڪار شيڪسپيئر

شيڪسپيئر جي ۴۰۰ ورسي گذريل ٢٦ اپريل (١٩٦۴) کان ساري سنسار ۾ ملهائي پيئي ويئي هئي.

سنڌيءَ ۾ شيڪسپيئر جا ڪيترائي ناٽڪ ترجمو ٿيل آهن، جهڙوڪ هئمليٽ، آٿيلو، ٽيمپيسٽ مئڪبيٿ، روميو جوليٽ، ڪنگ ليئر، ميئر فار ميئر، ٽيمنگ آف دي شِريوُڊ، مرچنٽ آف وينس، ٽئمبس ٽيلس آف شيڪسپيئر. هنن مان تمام گهڻا مرزا قليچ بيگ ۽ جيٺمل پرسرام جا باقي هڪ هڪ نانڪرام ڏرمداس ميرچنداڻي ۽ ڀاڳسنگ آڏواڻيءَ ترجمو ڪيا آهن. تازو شري تيرٿ بسنت پڻ هڪ ناٽڪ انٿوني ڪلوپيٽرا ترجمو ڪيو آهي. هن جون ڪجهه ڪوتائون پڻ ترجمو ٿيل آهن. ادو جيٺمل ته شيڪسپيئر تي جنسي موهت ٿي هنکي ”عارف، گياني، صوفي، روحاني رهبر“ ٿو سڏي ۽ ”ڀڳوت گيتا جي ١١ اڌياءَ جي وڻرات سروپ واري ٽيڪا“ ٿو سمجهي. هتي انگريزن جي دور ۾ ته

جيڪڏهن ڪو ودوان شيڪسپيئر جو حوالو نہ ڏيندو هو تہ اڻپورو ليکبو هو.

شيڪسپيئر جي ترجمن سنڌي ساهت جي خاص ڪري اوائلي دور ۾ ڪافي مدد ڪئي آهي. جڏهن سنڌيءَ ۾ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ اڪثر انهن ناٽڪن جي ڌم هئي، جن ۾ روزاني جيوت جو انگہ گهٽ هو ۽ ڪيترن ۾ ڌرمي رنگہ گهڻو هو، تڏهن شيڪسپيئر جي ناٽڪن سنڌي ناٽڪ نويسيءَ ۾ جڻ هڪ نئين ڌارا پيش ڪئي تہ، ”ناٽڪ زندگيءَ جو آئينو آهي“. شيڪسپيئر جا ناٽڪ تحقيق زندگيءَ جو آئينو آهن. جن ۾ سندس زماني جو پرپور عڪس ملي ٿو. جنهن ۾ راجنيتي، آرٿڪ، سماجڪ ۽ شخصي پهلوئن جو مڌر ميلاپ آهي. اهو انڪري ممڪن ٿيو آهي، جو شيڪسپيئر، ساهت، ڪلا ۽ سونهن کي مجرد خيالي (abstract) چيز نٿو سمجهي، زماني ۽ سماج کان الڳہ نٿو ڪري. هن جا ڪي ڪردار، حاڪم آهن تہ ڪي عام ماڻهو آهن، ڪي واپاري آهن تہ ڪي ودوان آهن. شيڪسپيئر فقط انساني جذبن، اندرين، سياءَ جا چٽر نہ چٽيا آهن يعني رڳو ڪردارن جي داخلي ڪشمڪش جو بيان نہ ڪيو آهي، جيئن اسانکي اسڪولن، ڪاليجن ۽ ميڙن ۾ پڙهايو ويو آهي، پر هن گڏوگڏ خارجي ڪشمڪش پڻ ڏني آهي، جيڪا ڪڏهن طبقن جي وچ ۾ آهي تہ ڪڏهن ٻن ويچار ڌارائن وچ ۾ آهي. مثلا شيڪسپيئر روميو جوليٽ، هئمليٽ، آٿيلو، ڪنگہ ليئر ۾ ختم ٿيندڙ جاگيرداري نظام ۽ اُڀرندڙ سرمايداري نظام جي ڪشمڪش جي تصوير چٽي آهي. روميو جيوليٽ، هئمليٽ، آٿيلو، ڪارڊيليا وغيره ترقي پسند شڪتين جا عيوضي آهن ۽ ايڊمئنڊ، گانرل، ريگئن، اِياگو، ڪلاڊيسس وغيره رجعت پسند شڪتين جا عيوضي آهن. جاگيرداري نظام ۾ ڪٽنب جو وڏو پنهنجن ڀاتين جو جڻ راجا هو، جنهنجي اجازت سان هو پيار، شادي وغيره ڪري نٿي سگهيا.

پنهي جو رشتو درجي (Degree) تي بيٺل آهي، جنهنجو ذڪر شيڪسپيئر پنهنجن ڪيترن ئي ناٽڪن ۾ ڪيو آهي. ڪنگ ليئر ۾ گلوسيٽر واتان چوائي ٿو، 'پيار ٿڌو ٿي ويو آهي، دوستي ختم ٿي ويئي آهي. ڀاءُ ڀاءُ کان جدا ٿي ويو آهي ..... پيءُ پٽ خلاف ڪڙو آهي .....''

شيڪسپيئر انصاف ۽ انسانيت جو طرفدار آهي، انڪري جڏهن ڏسي ٿو ته اُڀرندڙ سرمايداري سماج ۾ به انفرادي خود غرضي ۽ ناڻو ڪهڙا نه ظلم ٿو ڪاري ۽ انسان ڪيئن نه جهنگلين وانگر هڪ ٻئي جو خون ٿو چوسي تڏهن انکي به نندڻ کان نٿو هٽڪي، جيئن ''ٽمن آف اٿينس'' ۾ ٽمن واتان چوائي ٿو، ''اٿينس جو راڄ جانورن جو جهنگل آهي ..... قانون خود به چوريءَ کي روڪي نٿو ... هڪٻئي کي پيار ڪرڻ بدران ڦريو وڃيٿو. گهڻو ئي سون پيو آهي، هڪ ٻئي جا گلا ڪپيو. توهانکي جتي ڪٿي چور ئي چور ملندا ...'' ٻئي هنڌ ٽمن چوي ٿو، ''پيلو چمڪندڙ قيمتي سون؟ ڪاري کي اڇو، ٻچڙي کي سنو، غلط کي صحيح، گندي کي شاندار، پوڙهي کي جوان، گيديءَ کي بهادر، بهادر جي سسي لاهي ... چورن کي وڏو خطاب عطا ڪري سگهي ٿو ...'' ساڳي ئي نوع ۾ ڪنگ ليئر ۾ گلوسيٽر چوي ٿو، ''ڦاٽل ٽٽل ڪپڙن مان ننڍا ننڍا گناهه به ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر اُچا ڪپڙا اهي سڀ لڪائي ٿا ڇڏين. سون سان ڏوهه کي ڍڪي ٿا ڇڏين ....''

ڪيڏي نه يگه جي سچائي ڏني اٿس! جيڪا سندس هر ناٽڪ مان پيئي بکي. ٻئي هنڌ ڪنگ ليئر ۾ ڏسو ته گلوسيٽر هڪ غريب فقير کي ڇا ٿو چوي، ''هي ٻٽونئون ڪڻ ... ته مان توکي سکي ڪريان ... شل اهڙي نموني (ناڻي جي) ورهاست ٿئي جو جن وٽ اجايو گهڻو (ناڻو) آهي سو نه رهي ۽ هرهڪ ماڻهوءَ کي پورو پلئه پوي.''

اچا بہ اڳتي. پنهنجي آخرين ناٽڪ ”ٽيمپيسٽ“ ۾ هڪ اهڙي حڪومت جو تصور ڏنو ڏئي، جنهن ۾ ”سيڪجهہ ڳڏيل نموني بنا ڪنهن سخت پورهئي جي پيدا ٿئي. غداري، ٺڳي، خنجر، ڪپ، سوئن ۽ گولين وغيره جي ضرورت نہ پوي. قدرت ايتريون تہ جهجهيون چيزون پيدا ڪري جو منهنجا ابوجهہ ماڻهو کائي سگهن.“ هنن انصاف، انسانيت، امن ۽ عقليت جي ڳالهين ڪري، شيڪسپيئر جا ناٽڪ اڄ بہ سڄي دنيا ۾ پيش ٿين ٿا، جئن اسانجي هندستان ۾ ڏيکاريو وڃن پيا.

اڄ جيڪڏهن ڪو ليک شيڪسپيئر جهڙو اظهار ڪري ٿو تہ هنکي ڪميونسٽ ڪوني بدنام ڪيو وڃي ٿو. ليڪن اڄ ڪوبہ اعليٰ ليک انهن ڳالهين کان منهن موڙي نہ سگهندو. ڪاش ههڙي اعليٰ ليک جو پورو پورو جائزو وٺون، جيڪو هيلتائين سنڌيءَ ۾ نہ ٿيو آهي، جئن هنجي تضادن کي وگيانڪ طرح سمجهي سگهجي.

(نئين دنيا، ۱۹٦۴)

*****

# مرزا غالب

هرڪو عظيم اَديب، پنهنجي دور جي پيداش هوندو آهي ته پنهنجي دور جي عڪاسي ۽ رهبري ڪندڙ به هوندو آهي. مرزا غالب به اهڙن عظيم اديبن جي برادريءَ جو فرد هو. هنجي رچنائن مان اسانکي نه فقط سندس زماني جي جهلڪ ملي ٿي، پر سندس اُنهن آرزن ۽ اُمنگن، سپنن ۽ سچاين جي به ترجماني ملي ٿي، جن لاءِ اڄ به انسان جدوجهد ڪري رهيو آهي. انهن چيزن جي ڪري ئي اڄ غالب جي اهميت ۽ عظمت قائم آهي ۽ رهندي.

غالب جو زمانو (١٧٩٧-١٨٦٩) هندستان لاءِ هڪ مونجهاري ۽ مايوسيءَ وارو زمانو هو. اُن وقت هڪ طرف جهونو جاگيرداري نظام پويان پساهه کڻي رهيو هو ته ان جي جاءِ تي اڃا نئين سماج جو سورج نه اُڀريو هو. هڪ طرف انگريز، هندستان کي پنهنجي لوٽ کسوٽ لاءِ استعمال ڪري رهيا هئا ته ٻئي طرف ائين ڪندي هو پنهنجي ئي غرض کان مجبور ٿي، هندستان کي هڪ نئين روشنيءَ کان به واقف ڪري رهيا هئا.

غالب هڪ اهڙي طبقي مان آيو هو، جنهنجو رشتو ناتو، نوابن ۽ بادشاهن سان هو. تہ بہ هو پنهنجي شاعريءَ ۾ ان طبقي جو ئي ترجمان ڪونہ ٿو ٿي اچي. هنڪي جهوني مرندڙ سماج لاءِ جتي هڪ قسم جو دکہ درد آهي، اُتي نئين اُڀرندڙ عقلپسند سماج لاءِ پڪو نينهن بہ آهي. اُن زماني ۾ غالب وانگر روشن خياليءَ جي ترجماني ڪرڻ، پنهنجي سر ئي هڪ عظمت جي نشاني آهي.

سر سيد اَحمد خان، جنهنکي مسلمانن ۾ روشن خيالن ڦهلائڻ جو باني سمجهيو وڃي ٿو، غالب اُن کان بہ اڳرو هو. هن غالب کي، اَبوالفضل جي ڪتاب ’آئين اَڪبري‘ جو مهاڳہ لکڻ لاءِ چيو تہ غالب ان بدران ڪتاب تي نڪتچيني ڪندي هڪ مثنوي لکي، جا سر سيد ڇپائڻ کان انڪار ڪيو. غالب چيو تہ اسانکي هڪ نئين آئين (زندگيءَ جي راهہ) جي گهرج آهي. لکيائين، ”اسين جڏهن چقمقن مان باهہ پيدا ڪري رهيا آهيون، تڏهن انگريز ماچيس سان باهہ ٻاري رهيا آهن. هڪ ٻاڦ جي ڪل جي قوت، جيڪا بحري جهازن ۽ انجڻن ۾ ڪم اچي ٿي، سان اسانجي اتاهہ مينهن کان بہ وڏيڪ آهي. اسانکي هي جديد طريقا سکڻ کپن ...“

پنهنجي هڪ شعر ۾ چوي ٿو :

”آزاده رَو هون اؤر مرا مسلڪ هئہ صلح ڪل،
سؤگند اؤر گواهہ ڪي حاجت نهين مُجهي.“

مرزا غالب سچ پچ آزاد ۽ باغي طبيعت جو مالڪ هو. هن جي دل ۾ جهونن وهمن ڀرمن ۽ رسمن رواجن خلاف بغاوت هئي. اُهي ماڻهو جيڪي پاڻکي عقلمند سڏائين ٿا ۽ پوءِ بہ عام رسمن ۽ روايتن جا پابند آهي، تن تي طنز ڪندي لکي ٿو:

”هئن اَهل - خرد ڪس رؤش - خاص پہ نازان،
پابندگي رسم و رهہ - عام بهت هئہ.“

غالب ڪنهن بہ هڪ رسم رواج، ذات پات، يا مذهبي ڀيد ڀاؤ جو پوڄاري ڪونہ هو. هنجو سڀن جاتين جي ايڪتا ۾ وشواس هو. چوي ٿو:

''هم موحد هئن، همارا ڪيش هئہ ترڪ - رسوُم،
مِلتين جب مٽ گئين اَجزائي ايمان هو گئين.''

غالب، گهٽي ۾ گهٽي بغاوت ۽ نفرت مذهبي تنگدليءَ ۽ ظاهر پرستيءَ خلاف ڪئي آهي. هن اُنهن تي زبردست چوٽون ۽ ٺٺوليون، طعنا ۽ ٽنڪا هنيا آهن. شراب، جيڪو اسلامي مذهب موجب حرام سمجهيو وڃي ٿو، تنهنجو هو خوب شائق آهي، اَصل ڪعبي ۽ بهشت جي زمزم جي چشمي تي بہ شراب پيئڻ کان آر نٿو ڪري. چوي ٿو:

''رات پِي زمزم پہ مئہ اوُر صبح دم،
ڌوئي ڌبي جام - اَحرام ڪي.''

ٻئي هنڌ لکي ٿو:

''ڪعبہ ڪس منهن سي جائوگي غالب،
شرم تم ڪو مگر نهين آتي.''

غالب کي بهشت ۽ اُنجي حورن جي بہ پرواهہ ڪانهي. نہ صرف پرواهہ ڪانهي، پر اَصل اُنهنجي حقيقت تي ئي ويساهہ نہ اَٿس چو تہ هو سمجهي ٿو تہ اِهي سچ پچ حقيقتون ناهن، رڳو دل کي خوش ڪرڻ جا خيال آهن، جئن سندس غزل جو هڪ شاهڪار شعر آهي :

''هم ڪو معلوم هئہ جنت ڪي حقيقت ليڪن،
دل ڪو خوش ڪرني ڪو غالب يہ خيال اَچا هئہ.''

ٻئي هنڌ بهشت ۽ دوزخ جي خيال تي خوبصورت خندو ڪندي لکي ٿو :

''ڪيون نہ دوزخ ڪو يي جنت مين مِلالون يا رب،
سير ڪي واسطي ٿوري سي جڳهہ اور سهي.''

ساڳئي طنزي لهجي ۾ خدا جي قيامت جي خيال تي ڏڪ هڻندي غالب چوي ٿو تہ جنهن وقت فرشتا حساب ڪتاب لکندا آهن، اُن وقت انسان طرفان ڪو شاهد بہ موجود هوندو آهي؟ :

''پڪڙي جاتي هئن فرشتون ڪي لِکي پر، ناحق،
آدمي ڪوئي همارا دم - تحرير يي ٿا.''

بئي هڪ شعر ۾ وري چوي ٿو ته جڏهن نَڪرين (ٻه فرشتا) قبر ۾ مون کان ڪيل گناهه ۽ ثواب بابت پڇا ڳاڇا ڪرڻ لاءِ ايندا ته منهنجي شراب جي بانس سنگهي هو پڇي ويندا :

**''ظاهر هئه ڪ گهبراڪي نه پاگينگي نکيرن،**

**هان منهن سي مگر باده - دوشينه ڪي بوُ آئي.''**

غالب کي خبر هئي ته جيڪڏهن مذهبي ظاهر پرستيءَ موجب هلي ها، شراب نه پيئي ها ته هو اولياءُ سمجهيو وڃي ها، پر هن اولياءُ بڻجڻ جي راهه نه ورتي، هڪ باغي شاعر جي راهه ورتي. چوي ٿو :

**(۱) يي مسائل تصوف يه ترا بيان غالب،**

**تجهي هم ولي سمجهتي جو نه باده خوار هوتا.**

**(۲) جانتا هون ثواب طاعت و زهد،**

**پر طبيعت اِڌر نهين آتي.**

هڪ ڀيري ۱۸۵۷ واري جنگ وقت، انگريزي سولجرن غالب کي گرفتار ڪري ڪيو پر جڏهن ڪانئس پڇيائون، ''تون مسلمان آهين؟'' تڏهن مشڪي وراڻيائين، ''مان اڌ مسلمان آهيان.'' سو ڪئن ممڪن آهي؟'' غالب چين، ''صاحب، مان شراب پيئندو آهيان، پر سوُئر جو گوشت نه کائيندو آهيان.'' حقيقت ۾ هو مذهبي پيد ڀاؤ کان ئي مٿي هو.

پنهنجي هڪ خط ۾ غالب لکي ٿو، ''مونکي سيني ماڻهن لاءِ پيار آهي، پوءِ چاهي هو هندو آهن يا مسلمان آهن يا ڪرستان. مان سيني کي پنهنجو ڀاءُ سمجهان ٿو، پوءِ چاهي هنن جو ڇا ۾ به ايمان هجي.'' ان ساڳئي خيال جي پشتي سندس هڪ غزل جي هيٺئين شعر مان به ملي ٿي:

**''ايمان مُجهي روڪي هئه تو کينچي هئه مجهي ڪفر،**

**ڪعبه ميري پيڇي هئه، ڪليسا ميري آگي.''**

اهو مذهبي رواداريءَ ۽ انسان دوستيءَ جو ئي احساس آهي، جنهن ڪري غالب ''بنارس'' تي ڇيل هڪ اعليٰ مثنوي لکي

سگهيو، جيڪا سندس پارسي ديوان ۾ ڇپيل آهي. اُنجو سنڌي ترجمو هيٺ ڏجي ٿو، جنهن ۾ ڪاشي (بنارس) کي رائي ٿو سڏي ۽ بنارس کي سرڳ. پڙهو :

## ”بنارس“

**سرڳ، شل قائم رکي،**
**بنارس جي شان شوڪت کي،**
**هن سکڌام کي، آنند ڪنج کي،**
**جتي ور ور ڪري موٽي اَچن ٿيون،**
**اُهي آتمائون جنجي جيون-ياترا پوري ٿي وڃي ٿي.**
**دنيا جي هن مندرن واريءَ ٽڪل ترتيءَ تي،**
**زماني جي هر گردش کان بچيل بنارس ۾،**
**سدا بهاري آهي.**
**هتي جي سرءُ جي مندر،**
**سفيد نراڙين تي چندن جو تلڪ ٿي لڳائي،**
**بهار، چڙهندي ئي شهر کي،**
**گلن جي لهرن جو جٽيو پايو ڇڏي،**
**سنجها جي ڦوُهار،**
آسمان جي پرن تي ڪاشيءَ جي پيوت سان،
ڳاڙهيون ڪمانون ڪنيو ٿامي.
ميءُ هندستان جو ڪعبو. شنکر وڃائيندڙن جو وهار!
منجون مورتون ۽ پتلا،
انهيءَ نوُر مان جڙيل آهن
جيڪو ڪنهن زماني ۾ سنائي جبلن تي ڦهليو هو.
مي نوراني پوچا ڪندڙ ديويون
پوتر برهمڻن ۾ به جوالا جڳايو ڇڏين،
تڏهن گنگا ڪناري
سندن مکڙا ڏيائين وانگر پيا ٻرن.
پريات سمي ۽ چندر ريکا جي ويل،
منهنجي ملڪا ڪاشي

ڳنگا جي درسني ڪنيو
مناجهس پيئي پنهنجي دل ڪنيپيندڙ سونهن
جي چمڪ ڏمڪ ڏسي.
هڪ رات، ڪنهن جهوني جوڳيءَ کان پڇيم،
(جنهنڪي زماني جي گردش جو راز معلوم هو)
”سائين، توهين چڱيءَ طرح ڏسو ويٺا
ته سٺائي ۽ صداقت،
وفا ۽ محبت،
هن دک ڀريءَ ڀوميءَ تان لڏي ويا آهن.
پيءُ پٽ، هڪٻئي جو چڪي ماس پيا چنن،
ڀاءُ، ڀاءُ سان ڀيو لڙي،
ساز سلوڪت ڪي سرنگهون لڳي ويئون آهن.
مهڙن اَپسوڻ وارن اَرڪانن جي باوجود
پرلئه چو ڪانه ٿي اچي؟
چو ڪونه ٿو آخرين ناد وڃي؟
ڪنهنجي هٿ ۾ آهي پلا پرلئه جي واڳ؟
اهو پيڙو پهتل شاخص
ڪاشيءَ ڏانهن اِشارو ڪري مرڪڻ لڳو-
”ورڌاتا جو، هن جوڙ تي خاص آر آهي
جنهنجي ڪري ئي زندگيءَ ۾ رنگيني رهي ٿي
۽ اُنجو وناش ڪرڻ نه ٿي چاهي.“
هي هتي، بنارس جو شان شوڪت
انهن بلندين کي وڃي رسيو
جتي خيال جون ڪنيرائيون، پهچڻ کان قاصر آهن.

چون ٿا ته ههڙا اعليٰ انسانيت پسند شعر غالب جي پارسي ڪلام ۾ وڏيڪ آهن. بنارس تي لکيل مثنويءَ مان غالب جي پنهنجي ملڪ جي شهرن ۽ ماڻهن لاءِ اَٿاهه محبت به ظاهر ٿئي ٿي. پنهنجي هڪ دوست کي لکيل خط ۾ غالب چوي ٿو، ”دنيا ۾

اَلاجي اهو ممڪن آهي يا ڪونهي، گهٽ ۾ گهٽ منهنجي پنهنجي شهر ۾ تہ شل ڪو بکيو، ننگو نہ رهي.''

غالب جو مذاق بہ اَهڙو ئي اَهم ۽ مشهور آهي، جهڙو سندس شعر. چوي ٿو :

## مثال

### (۱) ٿوڪان ڪا وڏي بلا؟

هڪ دفعي مرزا غالب پنهنجو مڪان بدلائڻ ٿي چاهيو. هڪ مڪان ڏسي اچڻ کان پوءِ پنهنجي عورت کي اُهو ڏسي اچڻ لاءِ چيائين.

هوءَ مڪان ڏسي اچي چوڻ لڳس، ''جڳهہ تہ ٺيڪ آهي، پر چون ٿا تہ اُن ۾ ڪا بلا (ڀوت) رهي ٿي.''

غالب کلندي چيو، 'دنيا ۾ ٿوڪان بہ ڪا وڏي ٻي بلا ٿي سگهي ٿي؟''

### (۲) خدا کي سپرد

رام پور جو نواب گورنر سان ملڻ لاءِ بريليءَ پئي ويو ۽ هناجي وڃڻ وقت اُتي مرزا غالب بہ حاضر هو. هلندي وقت نواب صاحب مرزا غالب کي چيو، ''خدا کي سپرد!'' مرزا غالب چيس، ''حضرت، خدا تہ مونکي، توهانجي سپرد ڪيو آهي، توهين وري اُلٽو مونکي خدا جي سپرد ڪري رهيا آهيو!''

### (۳) برابر حساب

مرزا غالب بيمار هو. پلنگ تي ليٽيو پيو هو. هناجو هڪ شاگرد مير مهندي آيو ۽ پيرانديءَ کان ويهي هناجا پير دٻائڻ لڳو. مرزا غالب چيس، ''ڀائي، منهنجا پير نہ دٻاءِ، مون کي گنهگار نہ بڻاءِ.''

مير مهندي چيو، ''چڱو، توهين پير دٻائڻ جي ڪٽي مزوري ڏجوم.'' جڏهن پير دٻائي اُجورو طلبيائين تڏهن غالب چيس، ''ڀائو،

**ڪهڙي مزوري؟ تو منهنجا پير دٻايا ۽ مون تنهنجا پئسا دٻايا. حساب برابر ٿي ويو.''**

غالب کي انسانيت لاءِ بيحد قرب هو. اهو ڏسي ڪيس ڏک ٿيندو هو ته ڪيئن ته ماڻهوءَ پنهنجو ماڻهپو وڃائي ٿو وهي. هن سمجهيو ٿي ته ماڻهوءَ لاءِ صحيح نموني انسان بڻجڻ ڪا سولي ڳالهه نه آهي. تڏهن ته چوي ٿو:

**''بسڪ دشوار هئہ هر ڪام ڪا آسان هونا،**
**آدمي ڪو بہ ميسر نهين انسان هونا.''**

واقعي جيستائين خود غرضيءَ ۽ لوٽ کسوٽ واري سماج موجود آهي، تيستائين ماڻهوءَ جو صحيح اِنسان بڻجڻ برابر سولو ڪونهي. اڄ ماڻهوءَ کي انسان بڻائڻ واري سماج کڙي ڪرڻ لاءِ، جدو جهد ڪرڻي آهي، جنهن لاءِ غالب جهڙن اعليٰ فنڪارن جو عقلپسند ۽ انسانيت پسند ورثو ڪٽي اَڳتي هلڻو آهي.

**(نئين دنيا، ١٩٦٩)**

*********

# سُڳن آهوجا جو ناول
# ”ڪنول جاڳي اُٿيا“

سنڌي ساهت جي ٻين سيني شاخن وانگر ناول جي شاخ پڻ ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ ڪجهه پٺتي پيل آهي. سنڌيءَ ۾ ٢٠٠-٢٥٠ کن اصلوڪا سماجڪ ناول مس ڇپيا هوندا. جن مان ڪجهه چڱا آهن، ڪجهه سٺا آهن ته ڪجهه بهترين آهن. ۽ انهن چند بهترين ناولن مان سرڳواسي سُڳن آهوجا جو ناول ’ڪنول جاڳي اُٿيا‘ پڻ هڪ آهي.

ياد ٿو اچي ته ڪيئن نه ڪيترا سال اڳ سُڳن جو هي ناول بمبئيءَ جي هڪ برک پبلشر انڪري نه ڇپايو جو هي ڪيس خشڪ لڳو ۽ عشقي فشقي نه هو. ٻئي پبلشر ته سندس ان ناول تي مذاقي ٽوٽڪو لکيو هو. اهو زمانو اڄ جو زمانو ڪونه هو، جو ليکڪ پاڻ اشتهار وٺي ڪتاب ڇپائي ۽ پوءِ اهو ٣ رپئي جو ڪتاب، ٦، ٨ آني ’ڪوسا ڪوهر‘ ڪري وڃي وڪڻي اچي. سُڳن آهوجا اهڙو ’ڪوسا

روئي نہ ڪاڏي آهي) تڪليف سان اٿو هٿ ڪري مانيون پچايون آهن، سي ٻين کي پنهنجو پٽ سمجهي، کائڻ لاءِ ڏئي ٿي. پر سڀ کان وڏيڪ دل ڪپيندڙ درديلو واقعو (جو وچير آيل آهي) آهي ڏڪار وقت شيام جي ماءُ ۽ پيءُ جو هڪٻئي لاءِ قرب. پورهيت جوڙي جو پيار، پُرخلوف، لاغرض، اعليٰ انسانيت ۽ ايثار جي جذبن سان ٿمتار محبت، جيڪا ٻين پارتي ٻولين جي ٿورن ناولن ۾ مس ڏيکاريل هوندي. اهو واقعو ۱۵ کن سال اڳير (۱۹۵۰) ’مائي باپ‘ ڪهاڻيءَ جي نالي ۾ نئين دنيا ۾ بہ ڇپيو هو، ۽ وقت جي ڪسوٽيءَ تي ڪسجي اهو اڄ هڪ لاثاني ڪهاڻي سڏ ٿي چڪو آهي - سچ تہ ڏڪار جا درديلا چٽر، هن ناول جي جان آهن، جيڪي سڳن جي شاعراڻي ۽ شيرين ٻولي، سليس ۽ سپڪ عبارت سان هنجي نجي دين ٻڌجي پيا آهن. ناول ۾ ڪٿي ڪٿي نفيس مذاق ۽ طنز بہ ڏنل آهي تہ ڪن هند سهڻيون تشبيهون ۽ چست گفتگو بہ آهي. البت ڪي ٿورا خيال انتها پسند آهن، جيڪي ناول جي خامي آهن. ٻي خامي اها آهي، جو ناول سنڌي جيوت متعلق ڪونهي، جيتوڻيڪ اُنجو ٿورڙو ذڪر ڪيل آهي. ناول پورو ڪرڻ بعد اچا بہ ڪجهہ پياس محسوس ڪجي ٿي تہ جيڪر اُن ۾ ڪجهہ وڏيڪ عوامي جدوجهد ڏيکاريل هجي ها، جئن هي ناول وشو ساهتڪار مئڪسم گورڪيءَ جي شاهڪار ناول ’’ماءُ‘‘ جون سڪون لاهي سگهي ها. هينئر بہ جئن ناول آهي تئن اهو، اڄ جي غريب جنتا جي سماجڪ، آرٿڪ، راجنيتڪ ۽ ڌارمڪ لوٽ ڪسوٽ جو هڪ ڪلاتمڪ چٽر جي روپ ۾، سنڌي ناول نويسيءَ ۾ هڪ بهترين اضافو آهي.

(نئين دنيا، ۱۹٦٦)

*****

# ويدانتي صوفي سنڌي ناول

آغا سليم ٢٠-٢٢ سالن کان ناٽڪ، ڪهاڻيون ۽ ناول لکندو اچي ٿو. سنڌس ٻولي ڏاڍي ٻهڳڻي ۽ سک ٻڌل آهي. هو دوست مونکي ١٩٦٤ ۾ جوُن مهني ۾ سنڌ جي سفر ۾ پنهنجيءَ حيدرآباد ۾ ٻين ڪيترن ليکڪن ۽ اڳوانن سان گڏيو هو. سچ ته ان سفر ۾ اڌ سؤ کن مشهور اڳوان ۽ اديب گڏيا هئم، جن مان ڪي ته هاڻي حيات ڪونهن، جهڙوڪ حيدر بخش جتوئي، شيخ عبدالمجيد، ڏيپلائي، غلام آءِ. آءِ. قاضي، حسام الدين راشدي، محمد عرسائي، عبدالواحد سنڌي، مولائي شيدائي، لطف الله بدوي، رشيد ڀٽي، لسيم کرل، شيخ حفيظ، گدائي، فضل احمد، بيگم چنا، مس ثميره رزين، نارو ڀڳت وغيره هنن مان ڪيترن نه رڳو هندو ياڻرن کي ياد پئي ڪيو پر اهڙو ذڪر به لکيت ۾ ڪيو هئائون. جيئن جتوئي ”جيتي سنڌ، جيئي هند“ گيت لکيو، حسام الدين راشدي ته لکيو، ”سنڌ کي هندن ئي ناهيو جوڙيو هو.“ گدائي شڪارپور جي هندن جي هولي ۽ ٻين وڏن ڏينهن جي رهه چهه تي وڏو عاليشان شعر

لکيو هو، ”هيءُ شهر به ڪڏهين شهر هيو. هن شهر جي ڪهڙي ٻالهه ڪجي.“ ڏيپلائي جيڪو ڪنهن وقت هندن خلاف قلم هلائيندو هو تنهن به خوب هندن جي قدرشناسي ڪئي، انڪري مهاجرن سندس پريس جلائي ڇڏي هئي. مطلب ته انهن ٻين سنڌي مسلمانن جو ورهاڱي بعد لکيل ساهت سيني ۾ سانڍي رکڻ جهڙو آهي.

هاڻي ڏسو ته آغا سليم پنهنجي تازي ناول ”همہ اوست“ (١٩٨٨) ۾ ڪيئن نه پاڻکن کي ٻڌايو آهي ته صوفي مت ۽ ويدانت ۾ ڪوبه فرق ڪونه آهي. هڪ ڪردار واتان چوائي ٿو، ”بغداد ۾ جڏهن سنڌ جي پنڊتن ۽ عالمن هندستان ۽ يونان جي ڏاهپ کي عربي زبان ۾ آندو ته عربن جي ذهني دنيا ۾ انقلاب اچي ويو ... ويدانتي ذات احد کي ادويتا سڏايو ... پرم ۽ برهم سڏيو. برهم مان ئي ڪائنات (سرشٽي) نڪي. جيو آتما، پرم آتما کان جدا ٿي. جيو آتما جو پرم آتما ۾ جذب ٿيڻ نرواڻ ۽ مڪتي آهي. اسلامي تصوف جي ساري ويلسوفاڻي عمارت ان نظريي تي بيٺل آهي.“

ناول ۾ ٻڌايل آهي ته ان وحدانيت جو ڦهلاءُ اسانجي سنڌي صوفين ۽ سنتن ڪيو، جن مان به مکيه هستيون هيون شاهه لطيف ۽ شهيد عنايت شاهه. شاهه جو جوڳين ۽ ناٿن سان ڪيل ڳشتن جو ذڪر آهي ته سهڻين ڪوتائن جا حوالا ڏنل آهن ته گيتا، ويدن، ڪرشن، ارجن جو به ذڪر ڪيل آهي. مکيه مقصد اِهو آهي ته سنڌي هندو ۽ مسلم هڪ قوميت ۽ ڪلچر واري ڪٽنب جا ڀاتي آهن ۽ وحدانيت کي وساري تعصب ۽ تنگدلي ئي سنڌ ۽ سنڌين کي اڳي توڙي هاڻي نقصان رسايو آهي. شهيد عنايت شاهه ١٧ صديءَ جو پهريون صوفي سنت ۽ سوشلسٽ رهيو هو، جنهن پنهنجي مذهب وارن ملي مولوين ۽ حاڪمن جي تنگدلي ۽ تعصب جي مخالفت ڪئي، پر ڌارين مغلن، ڪلهوڙن، نوابن ۽ جاگيردارن جي ظلم ۽ زور زبردستيءَ خلاف جنگ به جوتي. ان لاءِ هن پنهنجن هارين نارين کي زمين ورهائي ڏني. هو نه رڳو ان وقت جي سنڌ جو

پهريون سوشلسٽ رهبر هو پر پارٽ توڙي وشو جي به انهن سوشلسٽن مان هو جن مذهبي سياست ۽ اقتصاديت (آرٿڪتا) تي ٻڌل لوٽ ڪسوٽ (شوشڻ) خلاف آواز اُٿاريو. شاهه عنايت صوفي هارين نارين هندن مسلمانن ۽ ڀيلن ڪولهين سيني کي يڪمشت ڪري جنگ جوٽي ۽ دشمنن ۾ هراس ڦهلايو. آغا سليم ناول جي آخر ۾ لکي ٿو: ''اوچتو سنک وڳا ... الک نرنجن ... الوميان .... درويشن جا ٽولا، ويدانتين جا سنک تون ئي تون ... اننگ رنگ ساگرم ... تت سوم اَسي ... اهم بو ها اَسي (مان برهم آهيان) سڀ نچندا رقص ڪندا ٿي آيا. هاري ناري، ڪمي ڪاسبي، ڪولهي ڀيل ٻاليشاهي، تون ئي تون ... هم او ست سنکن جهانجهه، چپٽون، يڪتاري ۽ درويشن جي نعرن جي صدائن سان ساري ڪائنات (سرشٽي) متياميت ٿي ويئي. اَن الحق سباني سان اعظم شاني ... وجود ۾ الله (ايشور) ڪانسواءِ ٻيو ڪو ڪونهي ... درويشن مغل فوج جا ڳچل سر لاهي ڇڏيا، فوج ۾ هراس پکڙجي ويو ۽ اُها جهوڪ جو ڪوٽ فتح نه ڪري سگهي. شاهه عنايت کي، نواب اعظم خان قران جو واسطو وجهي سڏايو ۽ دوکي سان مارايو.

هي تاريخي قسم جو ناول اڄ به سنڌ تي ڌارين ۽ مذهبي تعصبين جي قبضي، ظلم ۽ زور زبردستيءَ کان آجو ٿيڻ لاءِ سيني سنڌين کي ايڪتا ۽ اتحاد لاءِ اُتساهت ڪندڙ آهي. ليڪ ناول ۾ تاريخي درجي جي مذهبي، راڄنيتي ۽ آرٿڪ جيون سان گڏ سماجي جيون، رسم رواج، شادي مرادي وغيره جو به چٽر چٽيو آهي. ههڙو سنڌي ناول مشڪل ڪو ٻيو اسان وٽ هوندو. هيءُ سچ پچ آغا سليم جو يگانو ناول آهي جو ترقي پسنديءَ جي ڪسوٽيءَ تي پورو اُتري ٿو.

(١٩٨٨)

*****

# عظيم اديب موهن ڪلپنا

دوست ۽ عظيم اديب موهن ڪلپنا اوچتو گذاري ويو، جو اڄ به وشواس نٿو اچي.

وشواس ٿي نه پيو اچيم ته ائين ڪئن ٿيندو؟ اڃا مون ڪان ٻه چار ڏينهن اڳي سندس ڪتاب ”انسان دوست سلامتراءِ“ کي هندي ڊئريڪٽوريٽ (سي. ايچ. ڊي.) پاران ۵ هزار انعام جي خبر پڙهي هئم. ان ڪان ٻه ٽي مهنا اڳ سندس خط آيو هو ته ”طارق اشرف کي ڏنل طويل (وڏي) ناول ۽ ورهاڱي جي موضوع تي نهايت گهٽي محنت سان لکيل ناول ”درد جو درياهه“ توکي ۽ ابراهيم جويو کي ارپڻ ڪيو اٿم.“

۽ اڃا ڪالهه صبح جو ئي سنڌونگر جي نئين برک ڪهاڻيڪار لڇمڻ ڪڪڙيجا کي فون تي چيو هوم ته يار ڪلپنا کي خط جو جواب ڏنو هوم ته وري خط نه لکيو اٿس. اڄ ضرور ساڻس گڏجي احوال وٺي ٻڌائيج. پر هاڻي پياري موهن وٽان ڪوبه احوال نه ايندو. هاڻي ته رڳو هن يار جي يادگيرين مان ئي احوال هٿ ڪرڻو

۽ هڪ مفلس سنڌيءَ جي سنڌيت لاءِ سڪ جو تفاوت ڏيکاريل آهي.

ان سياءَ جي ڪري ڪلپنا جو پنهنجي مخالف خيالن وارن سان ٽڪر لڳندو رهندو هو، جڏهن اسان ترقي پسندن سان به قلم سان خوب ڪشمڪش ڪيائين ۽ ”نظرياتي ڪشمڪش“ به لکيائين. پر جڏهن به مريادا جو اُلنگهن ڪيائين ته اُن لاءِ پڇتاءُ به ڪيائين. (جڏهن نئين دنيا، نومبر-۱۹۷۱ ۾ ڇپيل خط اَتس.) اَسانجي ترقي پسند تموزتيءَ سان مخالفت ڪرڻ ۾ ڪيس به ٻن ڳني سامتاڻي ۽ لال پشپ جو ساٿ مليو، جيڪا تمورتي سڏجڻ ۾ آئي. جيتوڻيڪ اسانجي تمورتي وانگر اسان ٽنهي جي تخليقي ۽ تحريڪي دين وانگر هنن ٽنهي جي ساڳي دين نه رهي ڇو ته رڳو ڪلپنا جي ئي تخليقي ۽ تحريڪي دين پڇاڙيءَ تائين قائم رهي پر ڳنو ڊزن کن ڪهاڻيون لکي ساهت اڪادمي انعام فلوڪ ۾ وٺي اهڙو ماٺ ٿي ويو جو ويچاري ڪلپنا کي ڪيس اخبار رستي عرض ڪرڻو پيو ته بيلي تمورتيءَ جي لڄ پت رکڻ لاءِ قلم هلاءِ. لال پشپ به ته ٻنهي ڪان پنج ڇهه سال دير سان لکڻ شروع ڪيو ۽ ٻنهي ڪان الڳ جديديت جو طرفدار ٿي ڪمٽيڊ ۽ سنڌيت جي جذبي واري ساهت جو مخالف بڻجي ويو. ويتر جو نارائڻ شيام کي پنهنجو ڪتاب ارپڻ ڪري ساهت اڪادمي انعام ۽ مشهوري حاصل ڪيائين ته ان مشهوريءَ جو فائدو وٺي خوب ڏنڌوڙي ليڪ بڻجي پيو، اَصل ڪتابن جا ڪَوَر بدلائي اُهي وري ڇپايائين جڏهن جڳديش لڇاڻي به سنڌي ٽائيمس ۾ ٽڪا ڪيس.

پر آفرين آهي موهن ڪلپنا کي جنهن اڪيلي سر ساهت ۽ سنڌيت تي قائم رهي تمورتيءَ جو شان رکيو. نئين دنيا جي ۳۰ سالن ۾ ڪلپنا جون ۳۰ کن ڪهاڻيون، ڪوتائون ۽ مضمون ڏنم. هنجا ٻن ڊزنن کان به وڌيڪ اصلوڪا ڪتاب ڇپيل آهن، جن مان اڌ ته ناول اٿس. اُنهن مان بهترين اٿس ”ماءُ“ ۽ ”ڪانءُ ۽ سمنڊ“ ۽ ٽيون ٻال ناول ”سرڳ جي ڳولا“ جنهن جهڙو ٻال ناول سنڌيءَ ۾ ٻيو لکيل ڪونهي، ”ماءُ“ ۽ ”سمنڊ ۽ ڪانءُ“ ناولن ۾ سنڌيت سان گڏ ”جيئي سنڌ“ هلچل جو جذبو به سمايل آهي. اُهو جذبو پهرين ۱۹۷۴ ۾ لکيل

”جلا وطني“ ناول ۾ ڏنائين پر اُنجو پويون اڌ سڌو سنئون پرچاري آهي. اُهو ناول سنڌ ۾ ڇپڻ سان موهن ڪلپنا اُتي خوب مقبول ٿي ويو. ائين ته پيا به هتان جا ساهتڪار اُتي مقبول آهن ۽ ٥٠ جي ڏهاڪي جي وچ ۽ ٦٠ جي ڏهاڪي ڪان سنڌ ۾ پيا ڇپجن. ڪلپنا جو رپورتار به سنڌيءَ جو هڪڙو ئي رپورتار آهي ”اڃا رات باقي آهي“ ۽ بهترين آهي. جئن سندس ڪهاڻين جا مجموعا ”فرشتن جي دنيا“ ۽ ”اُها شام“ بهترين آهن.

حقيقت ۾ ڪهاڻي-ڪلا جي ڪلپنا ۾ اصل ذات هئي. اُها لکڻ جو ڏانوُ به خوب هوس، انڪري ئي ته سندس ڇپيل ڪهاڻيون به سؤ ٿي ويئون آهن. ايتريون ڪهاڻيون هتي ٻئي ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ جون ڇپيل آهن.

مونکي خوشي آهي جو نظرياتي طرح پڇاڙيءَ جي ڏينهن ۾ هو اسانجي ٿمورتيءَ جي جيترو ويجهو هو اوترو هوُ پنهنجي ٿمورتيءَ جي ويجهو نه هو، نه ته ڳني طرفان طرفداري ڪيل شيام جئسنگهاڻيءَ کي مرڪزي اڪادميءَ جي انعام لاءِ هلچل (اصل دهليءَ ۾ چڙهي وڃڻ تائين) ۾ ڪلپنا اصل جهولي لال ۾ ڪئن لکي ها ته سندس مرضيءَ بنا صحي وڌي ويئي آهي ۽ منهنجي ”هو جهان - هي من“ ڪهاڻي-ڪتاب تي ڪئن رايو لکي موڪلي ها ته ”ڪهاڻيون پرچار ڪان آجيون آهن، اُهي نئين سجاڳيءَ واريون آهن، اُنهن ۾ موجوده زندگيءَ جي ٻرندڙ مسئلن ۽ الڳ الڳ ڪردارن جون آهن ۽ موضوعن جي ڳوناڳونيت واريون آهن.“

نه رڳو ايترو پر هن منهنجو ترقي پسند ڪتاب ”سنڌي ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد“ ڇپايو ۽ اُن لاءِ هڪ سؤ رپيا اُجورو ۽ اڌ سؤ ڪاپيون ڏنيون جيڪو هتي ٻئي پبلشر نه ڏنو آهي.

موهن ڪلپنا جي ديهانت سنڌي ڪهاڻيءَ کي وڏي دهرم رسائي ۽ سنڌيت جي هلچل ڪان حشمت واري شخصيت کسي ورتي آهي. هنجي ياد ڪڏهن به وسرڻ جي ناهي.

(١٩٩٢)

# اَدب ۽ زندگي

مارڪسوادي نقط نگاھہ موجب هيءَ دنيا انساني خيال کان اڳہ ۾ پيدا ٿيل آهي، ۽ خيال اُن دنيا جي حرڪت مان پيدا ٿيو آهي. انساني سماج جو بنياد، هن دنيا تي آهي. ادب (ساهت) انساني خيالات ۽ جذبات جي اظهار جو نالو آهي؛ اهو سماج جو شاهد آهي. آخرين طرح، ادب بہ هن دنيا جي پيدائش آهي. دنيا هميشهہ بدلبي رهي آهي، جنهنڪري سماجي، راجنيتي ۽ ساهتڪ زندگيءَ ۾ پڻ تبديلي ٿيندي رهي آهي. سماجڪ ۽ ساهتڪ قدرن جو ماپو پڻ ڦرندو رهيو آهي. قديم وقت ۾ ساهت، وير-ڪتا (Epic Poetry) ۾ ئي لکيو ويو، ليڪن اڄ ناول، ڪهاڻيءَ وغيره ۾. ويدڪ زماني وارو انسان، اڄ جي انسان کان هر ڳالهہ - ڪائڻ پيئڻ، اُٿڻ ويهڻ، ويچارن وهنوارن وغيره ۾ ڦريل نظر ايندو. اُن وقت قدرت جي بيجان طاقتن - چنڊ، سورج، باهہ، وغيره کي ساهوارو ڪري سمجهيو ويو، جنهن جي تصوير ان وقت جي ساهت ۾ پڻ ملي ٿي. جيئن جيئن دنيا جي ذريعن - کيتيءَ، هنر وغيره

۾ ترقي ٿي آهي، تيئن تيئن راڄنيتي، سماجي ۽ ادبي زندگيءَ
پڻ ترقي ڪئي آهي. انساني زندگيءَ جي قديمي دور کي ڇڏي
(جڏهن سماج غير طبقاتي هو)، باقي هر دور ۾ سماج، پيداوار جي
ذريعن جي بنياد تي، مختلف طبقن ۾ ورهايل رهي آهي. هڪ نه
ٻئي طبقي، انهن ذريعن کي ترقي ڏيئي، ان مان پيدا ٿيل
سماجي لاڳن کي ترقي يافته صورت ڏيئي، انساني زندگيءَ کي
اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي - ۽ اهو طبقو پنهنجي زماني
جو ترقي پسند طبقو ٿي رهيو آهي. تهذيب، سماج، ادب ۽ فن،
هن طبقي جو سهارو وٺي، ارتقائي منزلون ٻئي طئه ڪيون آهن.
ليڪن، ڪنهن حد تي پهچي، هيءُ طبقو خود سماج جي ترقيءَ لاءِ
رڪاوٽ بڻجي پيو، جنهن ڪري ٻئي طبقي اچي ان جي جڳهه
والاري آهي. هن سماجي بدل سدل، ادب جي ڪسوٽيءَ ۽ موضوع
۾ زبردست ڦيرو آندو آهي : غلامگيريءَ واري نظام جي ادب ۾
اسان کي اڪثر ڪري ديوتائن ۽ فرشتن، ديون ۽ پرين، جنن ۽
ڀوتن، جهيڙن ۽ جنگين وغيره جا قصا ملندا؛ جاگيرداري نظام جي
ادب ۾ عاشق ۽ معشوق، گل ۽ بلبل جو ذڪر ملندو، ۽ سماجوادي
ساهت ۾ وري جنتا جي گڏيل زندگيءَ جي تصوير ملي ٿي.

انساني سماج جي وڪاس جو اڀياس ڪندي، معلوم ٿئي ٿو
ته سماج ۽ ساهت جو پاڻ ۾ گهاٽو سنبند آهي؛ انڪري ئي ساهت
کي سماجي پيدائش چئبو آهي. سماج ۾ رهي، ان کان آزاد رهڻ
ناممڪن آهي. مشهور يوناني فيلسوف ارسطوءَ جي چوڻ موجب،
”صرف جانور ۽ ديوتا ئي سماج کان الڳ رهي ٿا سگهن.“ ساهتڪار
کي، لکڻ وقت، ممڪن آهي ته اهو گمان ٿيندو هجي ته ادب جو
مقصد ”فن براي فن“ کان سواءِ ٻيو ڪجهه ناهي؛ پر حقيقت ۾
ائين ناهي. هو سماج جو انگ آهي. هن جو ادب جي باري ۾
ڪهڙو به خيال هجي، مگر سندس گذريل زندگي، سندس طبقاتي
تعليم، لاڙا ۽ آزمودا، هنجي تخليق ۾ جهلڪ ڏيکارڻ کانسواءِ رهي
نه سگهندا. در اصل اسانجو دماغ ئي آهي، جو هر ڪنهن فن کي
جنم ڏئي ٿو - ۽ دماغ جي پرورش غير مادي، مطلق ۽ مجرد

خيالات تي نہ بلڪ اسانجي آزمودن، علم ۽ خاص وايو منڊل تي ٿئي ٿي. جيئن ساهتڪار جو آزمودو ۽ علم وڏي ٿو، تيئن ان جو اثر هنجي خيالن تي پوي ٿو؛ ۽ پوءِ هن جي لکڻيءَ تي. پوءِ، اها لکڻي بي مقصد ڪيئن ٿي سگهندي؟ انڪري اديب، زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾، باخبر يا بيخبر، سڌيءَ طرح يا اڻسڌيءَ طرح، ترقي پسند يا رجعت پسند طاقتن جو ساٿ ڏئي ٿو. هنجي غير جانبداريءَ جي دعويٰ بي معنيٰ آهي.

ڪي ساهتڪار چوندا آهن تہ سچو ساهت اهو آهي، جيڪو مڪان ۽ زمان جي بندنن کان آجو هجي - يعني عالمگير دلچسپيءَ وارو هجي. هنن جي خيال موجب، ادب اهو درجو تڏهن حاصل ڪري سگهندو، جڏهن ان ۾ زندگيءَ جي عارضي روپن (Aspects) يا گهٽن تٽن آرٿڪ، راجنيتي يا سماجي مسئلن جي اُپٽار نہ، پر زندگيءَ جي ازلي اُصولن ۽ انساني سڀاءَ جي مسئلن جي اُپٽار هجي.

اسان کي خبر آهي تہ هن دنيا ۾ ڪابہ چيز ازلي يا اٽل ناهي. زندگي تبديل پذير آهي. انساني سڀاءُ پڻ سدائين حالتن انوسار بدلبو رهيو آهي. ڪير چوندو تہ قديم زماني واري ۽ اڄ جي انسان جي سڀاءَ ۾ فرق ناهي؟ وڏو فرق آهي - ۽ اُهو آرٿڪ، راجنيتڪ ۽ سماجڪ حالتن جي تبديليءَ جو نتيجو آهي. پوءِ ادب، جو زندگيءَ جي ترجماني ڪريٿو، سو ڪيئن اقتصادي، يا سياسي يا معاشرتي مسئلن کان آجو رهي سگهندو؟ ساڳيءَ طرح، ادب پاڻ کي زمان ۽ مڪان جي بندنن کان بہ آزاد نہ ڪري سگهندو. دنيا جي ڪهڙي بہ وڏي ۾ وڏي اديب جي لکڻي کڻي ڏسو، تہ ان ۾ سندس ملڪ ۽ زماني جي آرٿڪ، راجنيتڪ يا سماجڪ مسئلن جي جهلڪ آهي يا نہ، ۽ جيڪو ساهت پنهنجي ملڪ ۽ زماني جون گهرجون پوريون ڪري ٿو، سو ئي سچو ساهت آهي. ها، اديب ڪي، پنهنجي ملڪ ۽ زماني جون گهرجون پوريون ڪندي، اهو ضرور ڌيان ڏيڻ کپي تہ ڪٿي هن جو ادب سڪڙو اٽڪل پرچار تہ نٿو ٿي پوي، جيتوڻيڪ ساهتڪار ڪنهن نہ ڪنهن چيز جو ڦهلاءُ ڪندڙ

ضرور آهي. ليڪن هن جي ڦهلاءَ ۾ فن آهي، نزاڪت آهي، نفيسائي آهي، ۽ تخليقي قوت آهي.

دنيا جي ڪن جهونن مشهور اديبن جون ڪي لکڻيون اڄ تائين به عالمگير دلچسپي رکن ٿيون، سي صرف انڪري نه ته اهي مڪان ۽ زمان جي بندشن کان آزاد آهن، پر انڪري جو انهن ۾ انساني جذبن ۽ خيالن جي حقيقي تصوير چٽيل آهي، انسانيت لاءِ پيار سمايل آهي ۽ بن مختلف طاقتن - جهوناڻ ۽ نواڻ جي لڳاتار جدوجهد جو روح رچيل آهي.

سچ سان وفائي ڏيکارڻ، هرڪنهن فن جو مکيه ۽ نهايت اهم اُصول آهي. سچ کان وڌيڪ بي طاقتور شيءِ ڪانهي، ۽ اديب لاءِ زندگيءَ جي سچيءَ تصوير چٽڻ کان وڌيڪ بي ضروري چيز ڪانهي. جيئن ئي ساهتڪار ان حقيقت کان منهن موڙي ٿو، تيئن هنجي رچنا بي معنيٰ ۽ فضول بڻجي پوي ٿي. حياتيءَ جي حقيقي چتر چٽڻ جي اها معنيٰ ناهي ته ادب صرف حقيقتن جو نقل آهي، يعني اُهي جيئن جو تيئن ڏجن؛ پر انهن جي جدا جدا روپن ۽ تضادن سان جنگ جوٽي، صحيح روپ چوندي پيش ڪرڻ کپي. ادب نه صرف حقيقت جو چتر چٽي ٿو، پر ان کي بدلائڻ لاءِ پڻ ڪوشش ڪري ٿو. اُهو نه فقط زندگيءَ جي تنقيد ڪري ٿو، مگر انکي بهتر بڻائڻ جو پيغام به ڏئي ٿو، ڇو ته اُهو فقط عڪس ناهي، پر نقش آهي.

زندگيءَ ۾ هر وقت ترقي پسند ۽ رجعت پسند طاقتن جي ڪشمڪش هلي رهي آهي، انڪري سچو ساهت جنتا ۾ هر ڪنهن ترقي پسند چيز لاءِ پيار پيدا ڪري ٿو ۽ رجعت پسند چيز لاءِ ڌڪار.

جنهن ادب جي جڙ حقيقي زندگيءَ ۾ کتل آهي، سو عام جنتا کان جدا ٿي نٿو سگهي. عوامي زندگي اديب کي سندس تخليق لاءِ زرخيز ڪچو مال ميسر ڪري ٿي ڏئي، جنهنکي پنهنجي رچنا-شڪتي ۽ ڪلا سان ٺپي ناهي، هو ادب پيدا ڪري ٿو. جنتا جي جيوت گويا هڪ ابدي وهندڙ ساگر آهي، جنهن ۾

ساهتڪار ٽپيون هڻي، موتي ڪڍي، مالها ٺاهي ٿو.

سوال ٿو اُٿي ته ”ڪهڙو به سٺو خيال ڪنهن ڪجسي روپ ۾ پيش ڪرڻ سان، ساهتڪار ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿو؟“ - اصل نه. هر ڪنهن ڪلا ۾ بناوت ۽ روپ جي ميلاپ جي ايتري ته ضرورت آهي، جو ٻنهي مان ڪنهن کي به قربان نٿو ڪري سگهجي. اسان ترقي پسند ليکڪن تي اها جلهه ڪئي ويندي آهي ته هنن جي ساهت ۾ روپ نه هوندو آهي. اسانجو فرض آهي ته اهو الزام غلط ثابت ڪريون. ليڪن، اهو به وسارڻ نه گهرجي ته بناوت جو روپ تي اثر ٿيندو آهي - پراچين سمي ۾، ساهت، ناول يا ڪهاڻيءَ ۾ نه، پر وير-ڪٿا ۾ ئي لکيو ويو. ساهت ۾ نوان روپ، نوان اَسلوب پڻ پيدا ڪجن، پر ساهتڪار کي اِهو خيال ۾ رکڻو آهي ته هن ڪيتري قدر مواد جي ضرورت کي نباهيو آهي ۽ ڪيتري قدر ٻنهي جو ميلاپ قائم رکيو آهي؛ ڪٿي حقيقت نگاريءَ کي ته شڪست نٿي اَچي؟ نئون روپ (اسلوب) ڪيتري قدر نزاڪت وارو آهي ۽ عوام تي اُنجو ڪهڙو اَثر ٿئي ٿو، جو ئي ته اسانجو وڏي ۾ وڏو نقاد آهي.

(نئين دنيا، ١٩٥١ - گهنايل)